وقت جي قدر و منزلت جو احساس پيدا ڪرڻ

وارو اثرائتو تحريري بيان

# مقصدِ حيات

هي بيان "مقصدِ حَيات" دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلس شوريٰ جي نگران **حضرت مولانا ابوحامد محمد عمران عطّاري** مَدَّظِلُّهُ العَالِی جو اردو زبان ۾ تحريري بيان آهي.

مجلسِ تراجم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلسِ تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**پيشڪش: مجلسِ تراجم (دعوتِ اسلامي)**

**رابطي جي لاءِ:**


مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز
فيضانِ مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي مندي باب المدينه ڪراچي

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 1262

Email: translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# مقصدِ حيات*

## دُرُودِ پاڪ جي فضيلت

رحمتِ عالَم، نُورِ مُجسَّم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عاليشان آهي: اوهان پنهنجي مجلسن کي مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهي سينگاريو، اوهان جو دُرُود پڙهڻ قيامت جي ڏينهن توهان جي لاءِ نور ٿيندو. (ڪنزالعمّال 60/5 حديث 25410)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## هر چمڪندڙ شيءِ سون ناهي هوندي

جهنگ ۾ هڪ ٻاڙهو (Stag) اُڃ کان بيتاب ٿي، پاڻي جي تلاءُ تي آيو، پاڻي پيئڻ دوران جڏهن ان کي پاڻي ۾ پنهنجي خوبصورت سڱن (Horns) جو عڪس نظر آيو ته فخر ۽ خوشيءَ ۾ نه پيو ماپي پر جڏهن ان جو نگاهون پنهنجي ڪمزور، سنهڙين ٽنگن تي پيون ته ان جي سموري خوشي غم ۾ تبديل ٿي وئي ۽ اهو حسرت وچان

مدينه

* مبلّغِ دعوتِ اسلامي، نگران مرڪزي مجلس شوريٰ حضرت مولانا حاجي ابو حامد محمد عمران عطّاري مَدَّظِلُّهُ العَالِی هي بيان 12 شوال المڪرَّم سنه 1429هه بمطابق 13 آڪٽوبر سنه 2008ع تي تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي عالَمي مدني مرڪز فيضان مدينه باب المدينه (ڪراچي) ۾ ميڊيڪل جي شاگرد اسلامي ڀائرن جي سنتن ڀريي اجتماع ۾ فرمايو. 24 صفر المظفر سنه 1434 هه بمطابق 7 جنوري سنه 2013ع تي ضروري ترميم ۽ اضافي ڪان پوءِ تحريري طور تي حاضر خدمت آهي.
(شعبه رسائل دعوت اسلامي مجلس المدينة العلمية)

سوچڻ لڳو تہ اي ڪاش! ان جون ٽنگون بہ ان جي سڱن وانگر خوبصورت ۽ ٿلهيون هجن ها تہ ڪيڏو نہ بهتر ٿئي ها. اجا اهو انهن خيالن ۾ گم هو اوچتو ان کي شڪاري ڪتن (Hounds) جي ڀونڪڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو، خطرو محسوس ڪندي، اتان ڀڄڻ لڳو ۽ لِڪڻ لاءِ جهنگ جو رُخ ڪيائين. شڪاري ڪتن ان کي ڏسي ورتو، تنهن ڪري اهي بہ ان جي پنيان ڀڄڻ لڳا تہ اهو ايتري تيزي سان وٺي ڀڳو جو ان ڪنڌ ورائي بہ نہ ڏٺو ۽ تڪڙو تڪڙو وڃي جهنگ ۾ داخل ٿيو، جن سڱن تي ڪجهہ وقت پهريان فخر ڪري رهيو هو، بدقسمتي سان ان جا اهي ئي سڱ ڪنهن وڻ جي جهڳٽي ۾ ڦاسجي پيا، ان سڱ ڇڏائڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي پر ڪو فائدو نہ ٿيو، نيٺ شڪاري ڪتن اچي ان تي حملو ڪيو، اهڙي طرح اهو پنهنجي حياتي وڃائي ويٺو.

## ڪابہ شيءِ بنا مقصد جي ناهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! انهيءَ حڪايت مان بہ ڳالهيون معلوم ٿيون: پهرين هي تہ هر چمڪندڙ شيءِ سون ناهي هوندي (All that glitters is not gold) ۽ ٻي هي تہ الله عَزَّوَجَلَّ دنيا ۾ هر شيءِ کي هڪ خاص حڪمت جي تحت پيدا فرمايو آهي، اهو ڦاڙهو پنهنجي جن ٽنگن کي سنهڙو ۽ ڪوجهو ڏسي، افسوس ڪري رهيو هو، اهي ئي ان جي حياتي بچائڻ ۾ ڪارآمد ثابت ٿيون ۽ جن سڱن تي ان کي ناز هو، اهي ئي ان جي موت جو سبب بڻيا. ياد رکو! جڏهن الله عَزَّوَجَلَّ دنيا ۾ هر شيءِ کي پنهنجي حڪمت جي تحت هڪ خاص مقصد جي لاءِ پيدا فرمايو آهي تہ پوءِ اسان کي الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا ڪيل هر هڪ نعمت جو قدر ڪرڻ گهرجي ۽ ڪڏهن بہ ڪنهن

نعمت کي حقارت جي نظر سان نہ ڏسڻ گهرجي، چاهي چونہ اها نعمت کو پتر ئي هجي، چوتہ ذکر کيل قاڙهي وانگر جيکو بہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي کنهن بہ نعمت کي حقارت جي نظر سان ڏسندو آهي يا ان جي بيقدري کندو آهي تہ اهو هميشہ نقصان ئي پرائيندو آهي، ان سان گڏوگڏ پڇتائيندو بہ آهي پر ان وقت پڇتائڻ جو کهڙو فائدو (It is useless to cry over split milk).

## انمول هيرا

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مکتبة المدينہ جي شايع ٿيل رسالي ”انمول هيرا“ جي صفحي نمبر 2 تي پنڌرهين صدي جي عظيم علمي ۽ روحاني شخصيّت، شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيِ دعوتِ اسلامي حضرت علّامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا: هک بادشاهہ پنهنجي ساٿين سان گڏ کنهن باغ وٽان گذري رهيو هو، ان ڏٺو تہ باغ مان کو شخص نندين نندين پٿرين اڇلائي رهيو آهي، انهيءَ دؤران هک پٿري ان کي بہ اچي لڳي، بادشاهہ خادمن کي ڊوڙايو تہ پٿريون اڇلائيندڙ شخص کي مون وٽ حاضر کيو. اهڙي طرح خادمن ان ابوجهہ ماڻهو کي پڪڙي بادشاهہ جي آڏو حاضر کيو. بادشاهہ ان کي چوڻ لڳو: اهي پٿريون تو کٿان آنديون؟ ان ڊڄندي وراڻيو: مان ويراني ۾ گهمي رهيو هئس تہ اوچتو منهنجي نظر ان خوبصورت پٿرين تي پئي، مون اهي جهولي ۾ کٽي ورتيون. ان کان پوءِ گهمندي گهمندي انهيءَ باغ ۾ هليو آيس، ميوا توڙڻ جي لاءِ اهي پٿريون استعمال کيم. بادشاهہ چيو: توکي انهن پٿرين جي قيمت جو اندازو آهي؟ ان عرض کيو: نہ، بادشاهہ چيو: اهي پٿريون تہ

دراصل انمول هيرا آهن جن کي تون ناداني سبب ضايع ڪري چڪو آهين، ان تي اهو شخص افسوس ڪرڻ لڳو، پر ان وقت انهيءَ جو افسوس ڪرڻ اجايو هو جو اهي انمول هيرا ان جي هٿن مان نڪري چڪا هئا. (انمول هيرا ص 2)

## زندگي جون گهڙيون به انمول هيرا آهن

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اها حڪايت اسان کي پنهنجي زندگي جي قيمتي گهڙين جي قدر ڪرڻ جو سبق ڏئي رهي آهي، جڏهن ته گذريل وقت جو هر پل هڪ قيمتي هيرو آهي. جيڪڏهن انهن هيرن کي خواهه مخواهه اجايو ضايع ڪري ڇڏيو ته حسرت ۽ پشيماني کان سواءِ ٻيو ڪجهه به هٿ نه ايندو، جهڙي طرح ان ماڻهو جو حال انهن هيرن کي ضايع ڪري ٿيو. بيشڪ جيڪي پنهنجي زندگي جي انمول هيرن جو قدر ڪندا آهن، انهن کي قيامت واري ڏينهن ربّ العزّت جي بارگاهه ۾ پيش ٿيندي ڪا شرمندگي نه ٿيندي.

## چاليهن سالن تائين زمين تي پاسو نه لڳايو

حضرت سيّدنا ابوبڪر بن عيّاش رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي باري ۾ نقل ڪيو ويو آهي ته پنهنجي چند ڏينهن واري زندگي جا قيمتي لمحا فضول ڪمن ۾ برباد ڪرڻ جي بدران گهر جي مٿئين حُجري ۾ 60 سالن تائين روزانو ڏينهن ۽ رات ۾ هڪ هڪ قرآن شريف جو ختمو ڪيندا هئا. جڏهن ڪمزوري جي ڪري مٿئين حجري لاءِ هر هر چڙهڻ، لهڻ مشڪل ٿي پيو ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه لهڻ ڇڏي ڏنو ايتريقدر جو پنهنجي آخرت سنوارڻ ۽ ربّ عَزَّوَجَلّ کي راضي ڪرڻ جي لاءِ عبادت ۽ رياضت ۾ ايتريقدر مشغول ٿي ويا جو پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه 40 سالن تائين زمين تي پاسو به نه لڳايو يعني لاڳيتو عبادت جي

ڪري آرام ڪرڻ ڇڏي ڏنائون، جڏهن پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي هن فاني دنيا مان رحلت ڪرڻ جو وقت ويجهو آيو ته سندن صاحبزاده ابراهيم بن ابوبڪر روئڻ لڳا. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه ان کي ارشاد فرمائڻ لڳا: ڇا اوهان جي خيال ۾ **الله** عَزَّوَجَلَّ توهان جي والد جا اهي 40 سال ضايع ڪري ڇڏيندو جن ۾ انهيءَ هر رات هڪ قرآن ڪريم جو ختم ڪيو آهي؟ (صفة الصفوة 109/2 ملتقطا)

## وقت جو قدر ڪريو

سُبۡحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ! **پيارا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان! جيڪي ماڻهو پنهنجي وقت جو قدر ڪندا آهن ۽ حقيقي منزل تائين پهچڻ جي لاءِ تمام گهڻي تياري ڪندا آهن ته هن فاني جهان مان رحلت ڪرڻ وقت، انهن کي ڪو افسوس ناهي ٿيندو بلڪ اهي ته خوشي وچان اڳتي وڌي موت کي به ان لاءِ ڀَلي لائيندا آهن جو فاني لذّتن مان جند ڇڏائي هميشه رهڻ وارين نعمتن کي جلد کان جلد ماڻي وٺن. ان ڪري اوهان جو زندگي جي ڪنهن به شعبي سان واسطو هجي، هي ڳالهه سٺي نموني سمجهي وٺو ته جنهن مقصد (Aim) جي لاءِ اوهان اهو شعبو اختيار ڪيو آهي اهو ان صورت ۾ حاصل ٿيندو، جڏهن اوهان پنهنجي ڪم جي وقت جو صحيح استعمال ڪندي، ڀرپور محنت ۽ چاهت سان جدوجهد ڪندا رهندؤ. ان ڪري جيڪو پنهنجي مقصد کي جيتري قدر گهڻي اهميّت ڏيندو ۽ ان جي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندو، ان جي ڪاميابي جا امڪان اوتري قدر وڌيڪ روشن ٿي ويندا ۽ جيڪو ان جي ابتڙ پنهنجو وقت فضول ڪمن ۾ برباد ڪندو، ناڪامي ۽ نامرادي ان جو مقدّر بڻجندي.

وقت جو قدر ڪنهن کان لڪل ناهي بلڪ هر هڪ ان جي

اهميّت کان باخبر آهي. مثال طور ڪو طالبِ علم موڪلون ڪندو آهي يا پڙهائي ۾ سستي اختيار ڪندو آهي تہ ان کي ضرور چيو ويندو آهي: ”اتي ڇو ٿو پنهنجو وقت وڃائين؟ ڪو وڃي ڪم ڪار ئي ڪر، ڪي سگهي ٿو اتي ڪامياب ٿي وڃين.“ ان کي اهو مشورو ان ڪري ڏنو ويندو آهي جو سيئي ڄاڻندا آهن تہ اهڙي طرح وقت برباد ڪري اهو ڪڏهن علم حاصل نٿو ڪري سگهي ڇوتہ جيڪو طالبِ علم وقت وڃائيندو آهي، ان جو مقصد علم حاصل ڪرڻ ناهي هوندو بلڪ اهو وقت پاس ڪرڻ لاءِ تعليمي ادارن ۾ اچ وڃ ڪندو آهي ۽ پنهنجي حياتي جي انمول لمحن کي اجاين ڪمن ۾ برباد ڪندو رهندو آهي ۽ هي ڳالهہ وساري ڇڏيندو آهي **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جڏهن دنيا ۾ ڪابہ حقير شيءِ ڇاهي اهو پٿر ڇو نہ هجي، بي مقصد ناهي پيدا ڪيو تہ ڇا انسان کي ڪنهن مقصد جي بغير پيدا ڪيو هوندو؟ قرآن شريف جي 18هين سيپاري سورة **المؤمنون** جي آيت نمبر 115 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

اَفَحَسِبْتُمْ اَنَّمَا خَلَقْنٰكُمْ عَبَثًا وَّ اَنَّكُمْ اِلَيْنَا لَا تُرْجَعُوْنَ ﴿۱۱۵﴾

**(پ 18 المؤمنون 115)**

**ترجموڪنزالايمان**: پوءِ ڇا توهان اهو سمجهيو آهي تہ اسان توهان کي بيڪار پيدا ڪيو آهي ۽ توهان کي اسان جي طرف موٽڻو نہ آهي.

صدرُالافاضل حضرت علّامہ مولانا سيّد محمد نعيم الدّين مراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِي خزائن العرفان ۾ انهيءَ آيت مقدّس جي تحت فرمائن ٿا: ۽ (ڇا توهان کي) آخرت ۾ جزا لاءِ اٿڻو ناهي بلڪ توهان کي عبادت جي لاءِ پيدا ڪيو آهي تہ جيئن توهان تي عبادت لازم ڪيون ۽ جڏهن آخرت ۾ توهان اسان ڏانهن موٽي اچو تہ توهان کي عملن جي جزا ڏيون. (خزائن العرفان پ 18 المؤمنون تحت الآية 115)

# اسان جو مقصدِ حيات

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** معلوم ٿيو تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ اسان کي عبادت ۽ اطاعت جي ذريعي پنهنجي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ زندگي جي انمول نعمت سان نوازيو آهي پر جنهن شخص جي زندگي ۾ بندگي شامل نہ هجي چا اهو بہ ڀانهو آهي؟ چوتہ بندگي کان سواءِ رضاءِ خداوندي ماڻڻ ۾ شرمندگي کان سواءِ ڪجھ بہ حاصل نہ ٿيندو. موت ۽ زندگي جي پيدائش جو سبب 29هين سيپاري **سورةُ الملڪ** جي آيت نمبر 2 ۾ ڪجھ اهڙي طرح سان بيان ٿيل آهي:

الَّذِیْ خَلَقَ الْمَوْتَ وَ الْحَیٰوةَ لِیَبْلُوَكُمْ اَیُّكُمْ اَحْسَنُ عَمَلًاؕ

(پ 29 الملک 2)

**ترجمو ڪنزالايمان**: اهو جنهن موت ۽ حياتي پيدا ڪئي جيئن توهان جو امتحان ٿئي توهان مان ڪنهن جا ڪم وڌيڪ چڱا آهن.

**صدرُالافاضل حضرت علّامہ مولانا سيّد محمد نعيم الدين مراد آبادي** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِي **خزائن العرفان** ۾ انهيءَ آيت مبارڪ جي تفسير ۾ فرمائن ٿا: (ڪنهن جو ڪم چڱو آهي مان مراد هي آهي) تہ ڪير گهڻو اطاعت ڪندڙ ۽ مخلص آهي. (خزائن العرفان پ 29 الملک تحت الآية 2)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** معلوم ٿيو تہ دنيا هڪ امتحان گاھ آهي، **الله** عَزَّوَجَلَّ اسان کي آخرت ۾ ٿيڻ واري امتحان جي تياري لاءِ هن ۾ پيدا فرمايو آهي تہ جيئن قيامت واري ڏينهن هي معلوم ٿي سگهي تہ اسان مان ڪير اطاعتِ خداوندي جو پيڪر بڻيو رهيو ۽ ڪنهن جو شمار نافرمانن ۾ رهيو. اسان کي انهيءَ امتحان جي تياري جي لاءِ پيدائش کان وٺي، موت تائين جيڪو مخصوص وقت ڏنو ويو آهي، اسان کي انهيءَ مليل وقت (Duration) ۾ پنهنجي اجتماعي ۽ انفرادي زندگي، **الله** عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي

احڪامن جي پيروي ڪندي گذارڻي آهي ۽ اهوئي اسان جو ”مقصدِ حيات“ آهي.

## امتحان جي تياري

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڇا اوهان ڪڏهن سوچيو آهي تہ اخروي امتحان ۾ ڪامياب ٿيڻ لاءِ اوهان انهيءَ ٿورڙي دنياوي زندگي ۾ ڪهڙي ڪوشش ڪئي آهي؟ اچو، ٿورو دنيا جي ڪاميابي ماڻڻ لاءِ ٿيڻ واري ڪنهن بہ امتحان جي اخروي امتحان سان ڀيٽ (Comparsion) ڪيون تہ جيئن هي معلوم ٿي سگهي تہ اسان دنياوي ۽ اخروي امتحان مان ڪنهن جي لاءِ وڌيڪ ڪوشش ڪريون ٿا:

۞ جهڙي طرح هر امتحان جي لاءِ هڪ مخصوص نصاب (Curriculum) ٿيندو آهي اهڙي طرح اخروي امتحان جي لاءِ بہ هڪ مخصوص نصاب مقرّر آهي، جنهن کي اسان شريعت جي نالي سان ڄاڻون ٿا.

۞ جهڙي طرح دنياوي نصاب مختلف مضمونن جو مجموعو هوندو آهي مثال طور اردو، حساب، سماجي اڀياس، پاڪستان اسٽڊيز وغيره. اهڙي طرح اخروي نصاب بہ مختلف شين جو مجموعو هوندو آهي، جيئن عبادات، معاملات وغيره.

۞ جهڙي طرح دنياوي امتحان ۾ ڪاميابي جي لاءِ هر فن ۽ مضمون ۾ مهارت حاصل ڪرڻ لاءِ لاڳاپيل ماهرن وٽ وڃڻو پوي ٿو، اهڙي طرح اخروي امتحان ۾ ڪاميابي ماڻڻ لاءِ علماءِ ڪرام ۽ مشائخ عظام جي خدمت ۾ حاضري ضروري هوندي آهي.

۞ موجوده دؤر کي مقابلي (Competition) وارو دؤر چيو ويندو آهي ۽ ان حوالي سان سيني کان اڳتي وڌڻ جي آرزو مقابلي ۾ حصو

وٺندڙن (Participants) کي رات ڏينهن محنت ۽ ڪوشش ڪرڻ تي ايارينديي رهندي آهي، پر اخروي امتحان ۾ مقابلي جو نہ ڪو ماحول آهي، نہ سيني ڪان اڳتي وڌڻ جي ڪا آرزو، چوٿو اهو امتحان اجتماعي نہ بلڪ انفرادي ٿيندو ۽ ان ۾ ڪاميابي پنهنجي جدوجهد ۽ ڪوشش جي بنياد تي ئي ممڪن ٿيندي.

۞ دنياوي امتحان ڪڏهن ڪڏهن تحريري (Written)، تقريري (Oral) يا عملي (Practical) ٿيندو آهي پر اخروي امتحان ۾ علم و عرفان جي جانچ ٻن طريقن سان ٿيندي: (1) تفتيش ٿيندي تہ اهو ڪم ڪيو تہ ڇو، ڪيئن ۽ ڇا جي لاءِ ڪيو ۽ (2) نيڪيون ۽ برايون ميزان تي توريون وينديون، هاڻي هي دنيا ۾ ڪيل ڪاوش تي منحصر آهي تہ ڪهڙو پلڙو ڳرو ٿيندو.

۞ دنياوي امتحان ۾ ناڪام (Fail) ٿيڻ جي صورت ۾ وري ٻيهر امتحان ڏيڻ جي لاءِ مهلت ملندي آهي پر آخرت جي امتحان ۾ ناڪامي جي صورت ۾ وري ٻيهر مهلت ڪڏهن نہ ملندي، تنهن ڪري جيڪو ڪرڻو آهي، هينئر ڪرڻو آهي.

۞ دنيا ۾ هڪ امتحان ۾ ناڪامي ايندڙ امتحان ۾ ڪاميابي جي لاءِ همّت تي ايارينديي آهي پر آخرت جي امتحان ۾ ناڪامي جهنم جي باھ ۾ داخل ڪرائيندي.

۞ دنياوي امتحان ۾ جيڪڏهن ڪو شخص مڪمّل طور تي ناڪام نہ هجي بلڪ ان جا صرف ٻہ مضمون (Subjects) رهجي وڃن تہ ان کي ضمني امتحان (Examination Supplementary) ڏيڻ جي اجازت هوندي آهي پر آخرت جي امتحان جڏهن تہ هڪ ڀيرو ئي ٿيندو، ان ڪري ناڪامي جي صورت ۾ جهنم جي باھ ۾ داخل ٿيڻ وارن

بدقسمت ماڻهن جو خاتمو ايمان تي ٿيو هوندو ته اهي الله عَزَّوَجَلَّ جي فضل و ڪرم سان جنّت جي هميشہ رهڻ واريون نعمتون ماڻڻ ۾ ڪامياب ضرور ٿيندا پر پنهنجي نافرمانين جي سزا ڀوڳڻ ڪان پوءِ ۽ جيڪڏهن خاتمو ايمان تي نہ ٿيو هوندو تہ هميشہ لاءِ جهنّم ۾ داخل ڪيا ويندا.

۞ ٻانهو سک، آرام لهڻ جي لاءِ هڪ دنياوي امتحان ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهي تہ وري ٻئي امتحان جي تياري ۾ لڳي ويندو آهي، اهڙي طرح وڏيڪ امتحانن جو ختم نہ ٿيندڙ سلسلو جاري رهندو آهي پر اخروي امتحان رڳو هڪ ڀيرو ٿيندو، وري ٻيو ڀيرو امتحان نہ ٿيندو.

۞ دنياوي امتحان جي ڪاميابي تي انعام جا حقدار صرف اهي ماڻهو ٿيندا آهن جن سٺا نمبر ڪنيا هوندا ۽ اهي بہ مخصوص تعداد ۾ هوندا آهن پر اخروي امتحان ۾ ڪاميابي ماڻيندڙ هر شخص الله عَزَّوَجَلَّ جي تيار ڪيل ابدي نعمتن جو حقدار ٿيندو، اتي تعداد نہ ڏٺو ويندو، الله عَزَّوَجَلَّ جي خزانن ۾ ڪا ڪمي ناهي.

## اسان جو طرزِ عمل

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** مٿي ذڪر ڪيل ڀيٽ (Comparsion) جي روشني ۾ اچو تہ ٿورو اهو جائزو لهڻ جي ڪوشش ڪريون تہ اسان ۾ اڪثر ماڻهو دنياوي ۽ اخروي امتحان مان ڪنهن ۾ ڪاميابي کي ترجيح ڏين ٿا:

۞ جهڙي طرح دنياوي تعليم جي حاصل ڪرڻ لاءِ صبح سويري نرم نرم بسترن کي ڇڏي روشن مستقبل ماڻڻ لاءِ نڪري پوندا آهيون تہ ڇا اسان آخرت جي ڪاميابي ماڻڻ جي خاطر فجر جي وقت

نرم نرم بسترن کي ڇڏي باجماعت نماز ادا ڪرڻ لاءِ مسجد ۾ حاضر ٿيندا آهيون؟

۞ دنيا جي هر موڙ تي اسان جي اها ڪوشش هوندي آهي ته اڳيان اڳيان نظر اچون ته ڇا بارگاهِ خداوندي ۾ حاضري (باجماعت نماز جي وقت به مسجد ۾ پهرين صف ۾ نظر اچڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون؟

۞ پنهنجي تعليمي معاملن ۾ ترقي جي لاءِ اسان اڪثر راتين جو جاڳي ڪري مطالعو ڪندا رهندا آهيون ۽ ٻين ڪمن ۾ به صلاحيتون وڌائڻ جي لاءِ صبح و شام جي پرواهه ناهيون ڪندا ته ڇا آخرت جي معاملن جي بهتري ۽ ترقي جي لاءِ به ڪڏهن راتين جو اٿي بارگاهِ خداوندي ۾ حاضر ٿيڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون؟

۞ دنياوي راحت ۽ آرام جي حاصل ڪرڻ لاءِ ڳهٽو ڪري سوين، هزارين ميل پري وڃڻ ۾ ڪڏهن ڪو عار محسوس ناهيون ڪندا پر راهِ خدا ۾ 3 ڏينهن، 12 ڏينهن ۽ هڪ مهيني جي مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻ جو چيو وڃي ته ان مهل اسان کي هزارين مصروفيتون ياد اچي وينديون آهن.

پيارا اسلامي ڀائرو! هزارين مصروفيتن جي باوجود دنيا جي لاءِ جيئڻ به ممڪن ٿي سگهي ٿو اسان وقت ڪڍؤن ٿا ته ڇا جنهن مقصد جي لاءِ اسان کي پيدا ڪيو ويو آهي ان جي لاءِ ٿورو وقت به نٿا ڪڍي سگهون؟ انهيءَ سلسلي ۾ اسان جو طرزِ عمل ڪهڙو آهي، انهيءَ تي پاڻ ئي غور فرمايو. ڇوته اسان جو مقصدِ حيات ته ربّ عَزَّوَجَلَّ جي رضا ماڻڻ آهي پر افسوس! صد افسوس! اسان ان کان غافل ٿي دنياوي ترجيحن ۾ مشغول ٿي چڪا آهيون. اسان جي مذهب جو نالو اسلام آهي ۽ اسان مسلمان آهيون، جيڪڏهن انهن

لفظن جي معنائن تي غور ڪيو وڃي تہ معلوم ٿيندو، اسان کي تہ احڪامِ خداوندي جي آڏو سِر جهڪائڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي پر شايد اسان ڌن دولت جي خواهش ۾ نہ صرف پنهنجي مقصدِ حيات کي وساري رحمتِ خداوندي کان پري ٿي چڪا آهيون بلڪ پنهنجي پاڻ کان بہ غافل ٿي چڪا آهيون. ربّ عَزَّوَجَلَّ جو فرمان آهي:

وَ لَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ نَسُوا اللّٰهَ فَاَنْسٰىهُمْ اَنْفُسَهُمْ ؕ اُولٰٓىٕكَ هُمُ الْفٰسِقُوْنَ ﴿۱۹﴾ (پ 28 الحشر 19)

**ترجمو ڪنزالايمان**: ۽ انهن وانگر نہ ٿيو جيڪي الله کي وساري ويٺا پوءِ الله انهن کي مصيبت ۾ وڌو جو سندن وجود ڪين ياد نہ رهيا اهي ئي فاسق آهن

معلوم ٿيو جيڪي ماڻهو الله عَزَّوَجَلَّ جي ذڪر کان غافل آهن الله عَزَّوَجَلَّ انهن کي ان آزمائش ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندو آهي جو اهي پنهنجي ذات کان بہ غافل ٿي ويندا آهن ۽ اهڙي نموني الله عَزَّوَجَلَّ انهن کان ناراض ٿي انهن کي سندن حال تي ڇڏي ڏيندو آهي. جيئن تہ الله عَزَّوَجَلَّ جو فرمان عبرت نشان آهي:

نَسُوا اللّٰهَ فَنَسِيَهُمْ ؕ (پ 10 التوبة 67)

**ترجمو ڪنزالايمان**: اُهي ئي الله کي ڇڏي ويٺا تہ الله بہ انهن کي ڇڏي ڏنو.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان جو ربّ عَزَّوَجَلَّ جي ياد کان غافل رهڻ رحمت خداوندي کان دوري جو سبب آهي، تنهن ڪري هميشہ اسان کي هي ياد رکڻ گهرجي تہ اسان کي ڇو پيدا ڪيو ويو آهي. جيئن 27هين سيپاري سورة الذّٰريٰت جي آيت نمبر 56 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

وَ مَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَ الْاِنْسَ اِلَّا لِيَعْبُدُوْنِ ﴿۵۶﴾ (پ 27 الذّٰريٰت 56)

**ترجمو ڪنزالايمان**: ۽ مان جنّ انسان فقط انهيءَ لاءِ پيدا ڪيا جو منهنجي بندگي ڪن.

# مقصدِ حيات جي تڪميل جو ذريعو

پيارا اسلامي ڀائرو! هي ڳالهه تہ واضح ٿي چڪي جو الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي پنهنجي عبادت لاءِ پيدا فرمايو آهي پر هتي هي ٿو سوال پيدا ٿئي تہ آخرڪار اسان الله عَزَّوَجَلَّ جا فرمانبردار ٻانها ڪيئن بڻجي سگهنداسين؟ تہ ان جو جواب اسان کي 21هين سيپاري سورة الاحزاب جي 21هين آيت مبارڪ ۾ هن طرح سان ملندو آهي:

لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِيْ رَسُوْلِ اللّٰهِ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ (پ 21 الاحزاب 21)

**ترجموڪنزالايمان**: بيشڪ توهان جي لاءِ رسول الله جي پيروي بهتر آهي.

معلوم ٿيو تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ ان جي پياري حبيب، حبيب لبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنّتن تي عمل ڪرڻ گهرجي ڇوتہ ان جو فرمانِ عاليشان آهي:

مَنْ يُّطِعِ الرَّسُوْلَ فَقَدْ اَطَاعَ اللّٰهَ (پ 5 النساء 80)

**ترجموڪنزالايمان**: جنهن رسول جو حڪم مڃيو بيشڪ ان الله جو حڪم مڃيو.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! اسان کي پنهنجي مقصدِ حيات يعني ربّ عَزَّوَجَلَّ جي رضا ماڻڻ لاءِ حُسنِ اخلاق جي پيڪر، محبوبِ ربّ اڪبر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي سيرت مبارڪ تي عمل ڪرڻو پوندو، جنهن جي ترغيب مٿئي ذڪر ڪيل آيت مبارڪ ۾ اسان کي پاڻ پروردگار عَزَّوَجَلَّ ڏني آهي. تنهن ڪري جنهن پنهنجي زندگي ۾ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي احڪامن تي عمل ڪري الله عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي راضي نہ ڪيو، بيشڪ قيامت جي ڏينهن اهو حسرت ۽ پشيماني ۾ مبتلا ٿيندو. سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ باقرينہ آهي: "ڪنهن کي بہ

حسرت ۽ پشيماني کان سواءِ موت نہ ايندو، جيڪڏهن گنهگار هوندو تہ ان کي ان ڪري حسرت ٿيندي جو ان چڱا عمل چو نہ ڪيا؟ ۽ جيڪڏهن نيڪوڪار هوندو تہ افسوس ڪندو تہ نيڪ عمل وڌيڪ چو نہ ڪيا؟“ (تفسير قرطبي، التغابن تحت الآية 9 الجزء الثامن عشر 105/9)

امامِ اجلّ حضرت سيِّدُنا شيخ ابوطالب مڪي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی فرمائن ٿا تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ سلامتي ۽ چوٽڪاري واريون ٻہ جماعتون ٺاهيون آهن، جن مان ڪي ڪن کان اعليٰ ۽ افضل آهن، جڏهن تہ هلاڪت ۽ بربادي وارن ماڻهن جو صرف هڪ درجو آهي. پر! انهن کان ڪي ڪن کان گهٽ آهن. تنهن ڪري قيامت جي ڏينهن جن ماڻهن جي کاٻي هٿ ۾ اعمال نامو هوندو، اهي حسرت ۾ مبتلا ٿيندا تہ اهي ساڄي هٿ وارن مان چو نہ ٿيا؟ ۽ ساڄي هٿ ۾ اعمال نامي ملڻ وارا ان حسرت ۾ مبتلا ٿيندا تہ اهي مقرّبن مان چونہ ٿيا آهن؟ ۽ مقرّب ان حسرت ۾ مبتلا ٿيندا تہ اهي شهيدن ۾ چو شامل ناهن؟ ۽ شهيد چاهيندا هوندا تہ ڪاش اهي صديقن واري مقام تي فائز ٿين ها. مطلب تہ اهو ڏينهن حسرت جو هوندو جنهن کان غافلن کي ڊيڄاريو ويو آهي، ان ڪري جيڪي ماڻهو اڄ هتي مرده آهن، سڀاڻي اتي انهن جي ڪهڙي حالت هوندي؟ چوتہ انهن وٽ تہ ڪا نيڪي نہ هوندي. (قوت القلوب، الفصل الثامن والعشرون 189/1)

منقول آهي تہ ٻانهي تي ڏينهن ۽ رات جون سيئي ڪلاڪون پيش ڪيون وينديون آهن تہ اهو انهن گهڙين کي صف در صف چوويهہ خزانا (الماڙيون) سمجهندو ۽ محسوس ڪندو آهي جو هر هڪ خزاني (الماڙي) ۾ نعمت ۽ لذّت، عطا ۽ جزا آهي، جڏهن اهو دنيا جي گهڙين ۾ پنهنجون نيڪيون انهن خزانن (الماڙين) ۾ امانت

طور رکندو تہ سياڻي قيامت جي ڏينهن انهن کي ڏسي خوش ٿيندو ۽ انهن تي رشڪ کندو پر جڏهن دنيا جي کا گهڙي گذري وجي ۽ ان گهڙي ۾ ان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو ذڪر نہ ڪيو هوندو تہ آخرت ۾ ان گهڙين واري خزاني کي خالي محسوس کندو جو ان ۾ نہ ڪا عطا هوندي نہ ئي کا جزا. تنهن کري ان کي ڏاڍو ڏک محسوس ٿيندو ۽ ان تي حسرت کندو تہ اها گهڙي ان کان ڪيئن ضايع ٿي وئي جو انهيءَ ان ۾ کا شيءِ ذخيرو نہ ڪئي؟ تہ جيئن ان جي جزا بہ ذخيرو ٿيل محسوس کري ها، پوءِ ان جي دل ۾ رضا ۽ سکون داخل ڪيو وجي ها. (قوت القلوب، الفصل الثامن والعشرون 187/1)

## عمر هڪ امانت آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! انسان جي عمر ان وٽ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي امانت آهي جنهن جي باري ۾ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ٻانهي کان ان جي مرڻ وقت پڇندو، جيڪڏهن انهيءَ ان جي حفاظت ۾ ڪوتاهي ڪئي، پوءِ ڄڻ تہ ان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي امانت ضايع کري ڇڏي ۽ ان جي واعدي کي ڇڏي ڏنو ۽ جيڪڏهن پنهنجي اوقات جو خيال رکيو يعني ان جي کا بہ گهڙي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي اطاعت کان سواءِ نہ گذري تہ ان نہ رڳو امانت جي حفاظت ڪئي بلڪ اهو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي قؤل ۾ بہ آهي. ان کري ان کي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي طرفان واعدي پوري کرڻ تي پورو بدلو ملندو. جيئن تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو فرمان آهي:

وَ اَوْفُوْا بِعَهْدِیْۤ اُوْفِ بِعَهْدِكُمْۚ

(پ 1 البقرة 40)

**ترجموڪنزالايمان**: ۽ منهنجو عهد پورو ڪيو تہ آئون توهان جو عهد پورو کندس.

(قوت القلوب، الفصل التاسع والعشرون 194/1)

## غفلت جي ننڊ ۾ زندگي جي بربادي

هڪ شخص ڪنهن حڪيم کي عرض ڪيو: مون کي اهڙي دوا ڏسيو جنهن جي استعمال ڪرڻ سان مان ڏينهن جو ستو پيو هجان ته ان عقلمند حڪيم انهيءَ شخص کي جواب ڏنو: اي نادان! تون ڪيڏو نه بيوقوف آهين! تنهنجي زندگي جو اڌ حصو ته پهريائين ئي (رات جو غفلت ۾) سمهندي گذري رهيو آهي حالانڪ ننڊ موت جو ٻيون نالو آهي ۽ هاڻي ته خود پنهنجي هٿن سان پنهنجي زندگي جي (چئن حصن مان) ٽئين چوٿائي حصي کي موت (ننڊ) جي نذر ڪري (چئن حصن مان) صرف هڪ حصو زندگي گذارڻ چاهين ٿو، ته ان شخص پڇيو: مان نه سمجهيس! اهو ڪيئن؟ ته حڪيم صاحب ٻڌايو: فرض ڪر! تنهنجي عمر 40 سال هجي ته اڌ عمر 20 سال ٿيندي جيڪا رات جي وقت غفلت جي ننڊ سمهي تون پهريان ئي برباد ڪري رهيو آهين ۽ جڏهن ڏينهن جو وڏيڪ ستل رهندين ته اجان به 10 سال گهٽ ٿي ويندا ۽ تو وٽ آخرت جي لاءِ توشو گڏ ڪرڻ لاءِ صرف ڏهه سال بچندا. (قوت القلوب، الفصل السابع والعشرون 175/1)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ذڪر ڪيل نادان شخص وانگر اسان به پنهنجي حياتي جي قيمتي گهڙين کي ربّ الانام جي رضا ماڻڻ جي بدران غفلت يا گناهن ۾ گذاري ڇڏيندا آهيون جيڪڏهن اسان ضايع ٿيڻ وارن زندگي جي انهن قيمتي لمحن جو حساب لڳائڻ چاهيون ته شايد اسان لاءِ ممڪن نه هجي. پر! ڪوشش ضرور ڪرڻ گهرجي، ان ڪري جو وقت **الله** عَزَّوَجَلَّ جي هڪ نعمت آهي جيڪا هر ڪنهن انسان کي برابر ملندي آهي، هي نٿو چئي سگهجي ته غريب جي لاءِ ڏينهن رات ۾ 24 ڪلاڪ آهن ته امير جي لاءِ 27، بلڪ **الله** عَزَّوَجَلَّ اسان

مان هر ڪنهن کي ڏينهن رات جي صورت ۾ ٻڌل ٻارهن (يعني 24 ڪلاڪن مان 1440 منٽ يا 86400 سيڪنڊ عطا فرمايا آهن. هاڻي اهو اسان تي آهي تہ ڪير انهن وقتن جو قدر ڪري ٿو ۽ ڪير برباد؟ ڇوتہ آخرڪار هن زندگي جي سفر جو اختتام ٿيڻ ئي وارو آهي.

حضرت سيِّدُنا امام حسن بصري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی فرمائيندا هئا تہ اي ابنِ آدم! تون مختلف مرحلن جو مجموعو آهين، جڏهن بہ تو وٽان ڏينهن ۽ رات گذرندا آهن تہ تنهنجو هڪ مرحلو ختم ٿي ويندو آهي ۽ جڏهن تنهنجا سيئي مرحلا ختم ٿي ويندا تہ تون پنهنجي منزل يعني جنّت يا جهنّم تائين پهچي ويندين.

(قوت القلوب، الفصل الثامن والعشرون 187/1)

## سورهٔ عصر جي روشني ۾ وقت جي اهميّت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان تي لازم آهي تہ وقت جو قدر ڪندي ان کي **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ۽ فرمانبرداري ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنّتن جي تابعداري ۾ گذاريون ۽ هر پل آخرت جي تياري جي لاءِ ڪوشش ڪندا رهون. ان ڪري جو اسان **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جا عاجز ٻانها ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا ادنیٰ غلام آهيون. يقيناً زندگي بيحد مختصر آهي، اسان لمحو بہ لمحو موت جي ويجهو ٿيندا پيا وڃون، عنقريب اسان کي انڌيري قبر ۾ لاٿو ويندو، ڪاميابي سيني جهانن جي پالڻهار **اللّٰه ربُّ العٰلمِين** عَزَّوَجَلَّ جي اطاعت ۽ مومنن تي رحم ۽ ڪرم فرمائڻ واري رسولِ ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنّتن جي پيروي ۾ آهي.

وقت جو قدر ڪهڙو آهي؟ اچو انهيءَ کي قرآن مجيد جي مشهور سورهٔ عصر ۽ ان جي تفسير مان سمجهڻ جي ڪوشش

ڪريون ٿا. جيئن ارشاد ٿئي ٿو:

وَ الْعَصْرِۙ(۱) اِنَّ الْاِنْسَانَ لَفِیْ خُسْرٍۙ(۲) اِلَّا الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَ تَوَاصَوْا بِالْحَقِّ ﳔ وَ تَوَاصَوْا بِالصَّبْرِ۠(۳) (پ 30 العصر 1 تا 3)

**ترجموڪنزالايمان:** ان محبوب جي زماني جو قسم بيشڪ انسان ضرور نقصان ۾ آهي مگر جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون ۽ هڪ ٻئي کي حق جو تاڪيد ڪيائون ۽ هڪ ٻئي کي صبر جي وصيّت ڪيائون.

پيارا اسلامي ڀائرو! سورهٔ عصر ۾ وقت جي اهميّت جي باري ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ وقت ڪان وڌيڪ ٻيو ڪوبہ قيمتي ۽ بهترين سرمايو نٿو ٿي سگهي.

صَدرُالاَفاضِل حضرت علّامہ مولانا سيِّد محمد نعيمُ الدّين مراد آبادي عَلَيهِ رَحمَةُاللهِ الهادي فرمائن ٿا تہ هن (يعني انسان) جي عمر جيڪا ان جو راس المال آهي ۽ اصل پونجي (سرمايو) آهي ۽ مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحَنّان انهيءَ جي تفسير ۾ فرمائن ٿا: صوفي فرمائن ٿا تہ غافل جي هر ساهہ تي ان جي عمر گهٽجي رهي آهي، ان جو هر ساهہ برباد ٿي رهيو آهي جهڙي طرح سوراخ واري دِلي جو هر قطرو وهي برباد ٿي ويندو آهي ۽ دِلو خالي ٿي ويندو آهي ۽ مؤمن صالح جو هر ساهہ خزانۂِ الٰهي ۾ جمع ٿي وڃي رهيو آهي، جهڙي طرح قَرَع انبيق (اها شيءِ جنهن جي ذريعي عرق ڪڍيو وڃي) مان عرق جا قطرا ٿمي بوتلن ۾ گڏ ٿي بيمارن لاءِ شفاء ۽ پنساري جي لاءِ نفعي جو سبب ٿيندا آهن.

(خزائن العرفان و نورالعِرفان پ 30 العصر تحت الآية 2)

## عُمرءِ برف ۾ مشابهت

امام فخرالدين رازي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِي تفسير رازي ۾ هڪ بزرگ

جو هي قول نقل فرمائن ٿا تہ مون سورهءِ عصر جو مفهوم هڪ برف وڪڻندڙ کان سمجهيو جيڪو بازار ۾ هي هوڪو ڏئي رهيو هو: ان شخص تي رحم ڪريو جنهن جو سرمايو ڳري رهيو آهي، ان شخص تي رحم ڪريو جنهن جو سرمايو ڳري رهيو آهي. ان جي اها ڳالهہ ٻڌي مون چيو: اهو آهي وَالْعَصْرِۙ اِنَّ الْاِنْسَانَ لَفِیْ خُسْرٍۙ جو مطلب. عمر جي جيڪا مدّت انسان کي ڏني وئي آهي اها برف جي ڳرڻ وانگر تيزيءَ سان ختم ٿي رهي آهي، جيڪڏهن هي ان کي ضايع ڪري ڇڏيندو يا غلط ڪمن ۾ مشغول ٿي گذاريندو تہ يقينًا اهو خساري وارن ۾ شمار ٿيندو.

(تفسير رازي، پ 30 العصر تحت الأية الجزء الثاني والثلاثون 11/287)

## زندگي جو سفر جاري آهي يا موت جو

پيارا اسلامي ڀائرو! جهڙي طرح ٻيڙي سوار کي ڪٽي منزل ڏانهن وڏندي آهي، اهڙي طرح زندگي بہ ٻانهي کي هر لمحو ان جي منزل يعني قبر جي ويجهو وٺي وڃي رهي آهي پر اهو ان ڳالهہ کان غافل آهي.

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 1124 صفحن تي مشتمل ڪتاب اِحياءُ العُلوم جلد پهرين صفحي 981 تي آهي: حُجَّةُ الاِسلام حضرت سيِّدُنا امام محمّد بن محمّد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الوَالِى فرمائن ٿا:

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ زمين کي پنهنجي ٻانهن جي تابع ان ڪري ناهي ڪيو جو اهي عاليشان گهرن (کي دائمي ٺڪاڻو سمجهي ان) ۾ رهن بلڪ ان جي لاءِ تابع بڻايو آهي جو اهي ان کي (مسافر وانگر) مسافر خانو سمجهي ان مان ايترو توشو کڻن جو اصلي وطن (يعني آخرت) جي

سفر ۾ انھن جي ڪم اچي، ان جي ڄار ۾ ھلاڪتن کان بچندي پنھنجي لاءِ عمل ۾ فضل جا تحفا ذخيرو ڪن ۾ پڪ ڄاڻو تہ زندگي انھن ڪي اھڙي طرح وني وڃي رھي آھي جيئن ٻيڙي مسافرن ڪي. ماڻھو دنيا ۾ مسافر آھن، انھن جي پھرين منزل پينگھو ۽ آخري قبر آھي. (احياء العلوم (مترجم) 981/1)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سڀني مذھبن جا ماڻھو ھن ڳالھ کي تسليم ڪندا آھن تہ موت اچڻو آھي پر ڪڏھن اچڻو آھي، اھو ڪنھن کي معلوم ناھي. بھرحال موت جو وقت مقرّر آھي ۽ اسان سڀ آھستي آھستي ان ڏانھن وڌي رھيا آھيون، ھر گذرڻ وارو لمحو چئي تہ اسان ڪي موت جي ويجھو ڪري رھيو آھي. زندگي جو اھو سفر ڪڏھن ۽ ڪنھن موڙ تي پورو ٿيندو، اھو ڪو نٿو ڄاڻي پر ھي سڀني کي خبر آھي تہ ان جو اختتام موت تي ئي ٿيندو. اسان زندگي جي شروعات جو حساب تہ ياد رکندا آھيون پر اختتام جو ڪو فڪر ناھيون ڪندا جو خبر ناھي زندگي جو سج ڪڏھن موت جي اونداھي وادين ۾ لھي وڃي. اسان ھي تہ چوندا آھيون تہ فلاڻو ايترن سالن جو ٿي ويو آھي پر ڪڏھن ھي ناھيون سوچيندا تہ ان جي عمر وڌي ناھي رھي بلڪ گھٽجي رھي آھي. مثال طور ھڪ شخص جي عمر الله عَزَّوَجَلَّ وٽ 70 سال مقرّر ٿيل آھي يعني 70 سالن جي عمر ۾ ان ڪي موت ايندو تہ جڏھن اھو 40 سالن جو ٿيندو آھي تہ اسان ھي چوندا آھيون تہ 40 سالن جو ٿي ويو آھي پر ڪڏھن بہ ھي ناھيون سوچيندا تہ ان جي عمر جي خاتمي ۾ صرف 30 سال رھيا آھن. ان ڪري اسان ھر شيءِ کي عقل جي تارازي ۾ تورڻ جا ايتري قدر تہ عادي ٿيجي چڪا آھيون جيڪا شيءِ اسان جي نظرن

جي سامهون هوندي آهي صرف ان کي ئي تسليم ڪندا آهيون ۽ جيڪا شيءِ اڪين کان پوشيده هوندي آهي ان تي يقين مشڪل سان ايندو آهي، ڇوته اسان جي سوچن جا محور تبديل ٿي چڪا آهن، اسان دنيا ۽ ان جي فاني زندگي جي لذّتن تي ته يقين رکندا آهيون ڇوته اهي اسان جي اکين آڏو آهن پر آخرت ۽ ان جي نعمتن کان ان ڪري منهن موڙي ڇڏيو آهي جو اهي اسان جي اکين کان پوشيده آهن. موت کان غفلت نه رڳو اسان جي ايمان بالغيب کي ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي پر اسان کي پنهنجي مقصد حيات کان به پري ڪري ڇڏيو آهي، پوءِ ڪهڙو سبب آهي جو اسان جو شمار نقصان وارن ۾ نه ڪيو وڃي؟ جيئن ته ربّ عَزَّوَجَلَّ جو فرمان آهي:

اِنَّ الْاِنْسَانَ لَفِیْ خُسْرٍۙ(۲)
(پ 30 العصر 2)

**ترجمو ڪنزالايمان**: بيشڪ انسان ضرور نقصان ۾ آهي.

## ڇا سمورا انسان خساري ۾ آهن

**پيارا اسلامي ڀائرو!** ڇا سڀئي ماڻهو نقصان ۾ آهن؟ انهيءَ سوال جو جواب سورهءِ عصر جي ٽين آيتِ مبارڪ ۾ هن طرح ڏنو ويو آهي:

اِلَّا الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَ تَوَاصَوْا بِالْحَقِّ ﳔ وَ تَوَاصَوْا بِالصَّبْرِ۠(۳)
(پ 30 العصر 3)

**ترجمو ڪنزالايمان**: مگر جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون ۽ هڪ ٻئي کي حق جو تاڪيد ڪيائون ۽ هڪ ٻئي کي صبر جي وصيّت ڪيائون.

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ! اسان مسلمان آهيون، اسان جو **الله** عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي سڀني رسولن تي، ان جي ڪتابن، فرشتن ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان آهي پر ياد رکو! صرف ايمان آڻڻ ئي ڪافي ناهي بلڪ ايمان جي حفاظت جو فڪر به نهايت ئي ضروري آهي جو ڪڏهن ڪڏهن گناهن جي نحوست جي سبب ايمان ڪسيو ويندو آهي ۽ جيڪڏهن

خدانخواستہ ايمان ئي کسجي ويو تہ سڄي ڪئي ڪمائي برباد ٿي ويندي. تنهن ڪري ايمان سان گڏوگڏ فرض ۽ واجبن جي ادائگي، گناهن ۽ نافرمانين کان پاسو ڪرڻ بہ ضروري آهي. اهوئي سبب آهي جو سورهءِ عصر جي ٽين آيت مبارڪ ۽ ان جي تفسير مان معلوم ٿيو تہ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا ۽ هڪ ٻئي کي حق يعني ايمان ۽ نيڪ عملن جي تاڪيد ڪئي ۽ هڪ ٻئي کي انهن تڪليفن ۽ مشقتن تي صبر جي وصيت ڪئي جيڪي راهِ خدا ۾ نيڪي جي دعوت ڏيندي پهتيون تہ اهڙا ماڻهو **الله** عَزَّوَجَلَّ جي فضل و ڪرم سان کهڙي طرح سان محروم ٿي سگهن ٿا بلڪ اهي تہ نفعي حاصل ڪرڻ وارا آهن، نقصان وارن مان ناهن ڇوتہ انهن جي زندگي جا انمول لمحا راهِ خدا ۾ گذريا.

(کنزالايمان و خزائن العرفان پ 30 العصر تحت الآية 3)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سورهءِ عصر اسان کي جهنجهوڙي جهنجهوڙي چئي رهي آهي تہ اسان پنهنجي زندگي ۽ وقت جي اهميّت کي سمجهون ۽ زندگي هيئن گذاريون جو اسان وٽ ايمان هجي، نيڪ عمل هجن، نيڪي جي دعوت هجي ۽ نيڪي جي دعوت جي راهہ ۾ اچڻ وارن مشقتن ۽ مصيبتن تي صبر بہ هجي تہ يقينًا اسان جو شمار بہ انهن ماڻهن ۾ ٿيندو جيڪي **الله** عَزَّوَجَلَّ جي فضل مان محروم نہ ٿيندا.

## فرد سان معاشرو ٺهندو آهي

اسان معاشري جي بگاڙ جون ڳالهيون تہ بالڪل ڪندا آهيون پر ڪڏهن پنهنجي يا پنهنجي معاشري جي اصلاح جي لاءِ ڪوشش ناهيون ڪندا. ان ڪري اسان مان هر هڪ کي هي ذهن بڻائڻ گهرجي تہ ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي

ڪوشش ڪرڻي آهي. اِن شآءالله عَزَّوَجَلَّ.“ جيڪڏهن اسان مان هر هڪ انهيءَ مدني مقصد ڪي ماڻڻ لاءِ پنهنجي وقت جي اهميّت ۽ پنهنجي مقصدِ حيات کي سمجهي الله عَزَّوَجَلَّ جي اطاعت و عبادت ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فرمانبرداري ڪرڻ لڳي تہ اهو سڄو معاشرو ازخود درست ٿي ويندو. ان کي هن مثال ذريعي سمجهو تہ هڪ شخص مطالعي ۾ مصروف هو، ان جي ويجهو پٽ کيڏي رهيو هو، جيڪو هر هر ان کي تنگ پيو ڪري ۽ اهڙي طرح ان جي مطالعي ۾ رخنو پئجي رهيو هو، ان ڪيترائي ڀيرا ان کي سمجهايو پر ٻار تہ ٻار ئي هوندو آهي، ٿورو وقت رڪجي وري کيڏڻ لڳو. ٻار جي اهڙي طرح تنگ ڪرڻ سان پيءُ ايتري قدر پريشان ٿيو جو ان جي مٿي ۾ سور پئجي ويو. نيٺ ان اها ترڪيب ڪئي جو ان پنهنجي ويجهي پيل صوبي يا ملڪ جي نقشي کي ڦاڙي ٽڪرا ٽڪرا ڪري پنهنجي پٽ کي ڏيندي چيو: پٽ! ٻئي ڪمري ۾ وڃي هن نقشي کي درست ڪري اچ. ٻار ٻئي ڪمري ۾ هليو ويو تہ ان سک جو ساهہ کنيو: نيڪ آهي! هاڻي جيستائين اهو نقشو ناهيندو رهندو تيستائين مان مطالعو ڪري وٺندس ڇوتہ اهو ڏاڍو ڏکيو ڪم هو ۽ ان ۾ ٻار کي گهڻو وقت لڳي سگهي پيو. ٻار نقشو کڻي هليو ويو ۽ پيءُ اطمينان سان مطالعو ڪرڻ لڳو، اڃا ٿورو ئي وقت مس گذريو هو تہ ٻار اچي چوڻ لڳو: بابا! نقشو درست ٿي ويو. پيءُ کي تعجب ٿيو تہ ايترن ڪلاڪن جو ڪم منٽن ۾ ڪيئن ڪري آيو. ڏٺائين تہ واقعي نقشو درست هو. پيءُ پڇيو: پٽ! اهو نقشو ايتري جلدي ۾ ڪيئن درست ڪيو؟ تہ پٽ وراڻيو: بابا سائين! جڏهن اوهان نقشو ڦاڙيو تڏهن مون ڏٺو تہ ان جي پٺئين پاسي ماڻهوءَ جي

تصوير بہ هئي تنهن ڪري مون نقشو درست ڪرڻ جي بدران ماڻهوءَ جي تصوير کي صحيح ڪيو تہ نقشو ازخود صحيح ٿي ويو.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان معاشري جي صحيح ڪرڻ جي اڪثر ڪوشش ڪندا آهيون جنهن ۾ ڪڏهن بہ اسان کي تسلي بخش ڪاميابي ناهي حاصل ٿي، باقي! جيڪڏهن ذڪر ڪيل مدني مني وانگر معاشري جي نقشي کي درست ڪرڻ جي بدران رڳو هڪ فرد جي اصلاح جي ڪوشش ڪئي وڃي ۽ اهو صحيح ٿي وڃي تہ معاشرو ازخود درست ٿي ويندو ڇوتہ معاشري سان فرد نہ بلڪ فرد سان معاشرو نهندو آهي. جڏهن فرد صحيح هوندو تہ معاشرو بہ ازخود صحيح ٿي ويندو ۽ جيڪڏهن فرد ئي بگڙيل هوندو تہ معاشرو ڪٿان صحيح ٿيندو؟

## هاءِ افسوس! برائي، برائي ناهي رهي

اڄڪلهہ هي مثال تہ ڏنو ويندو آهي تہ هڪ ڪِني مڇي سڄي تلاءُ کي گندو ڪري ڇڏيندي آهي پر ڪوبہ هي نٿو سوچي تہ انهيءَ تلاءُ جي ڪِني مڇي ڪٿي مان تہ ناهيان، جنهن جي ڪري معاشري جو اهو تلاءُ گندو ٿي رهيو آهي. پوءِ اسان جو اهو طرزِعمل بہ ڏاڍو عجيب آهي جو اسان ڪن براين کي تہ برايون سمجهون ٿا پر ڪيتريون ئي برايون اهڙيون بہ آهن جن کي برو چوڻ تہ ٺيو پري، برو سمجهندا بہ ناهيون. مثال طور شراب پيئڻ يا جوا کيڏڻ واري ۽ بدڪاري ڪرڻ واري کي تہ برو چئون ٿا پر ٿورو سوچيو:

۞ ڇا نماز نہ پڙهڻ وارو برو ناهي؟ جيڪڏهن بي نمازي بہ برو ناهي تہ پوءِ برو ڪير آهي؟ حالانڪ مروي آهي: جيڪو ڄاڻي واڻي هڪ وقت جي نماز قضا ڪندو ان جو نالو جهنّم جي دروازي تي لکيو ويندو آهي جنهن مان اهو جهنم ۾ داخل ٿيندو.

(حلية الاولياء 299/7 حديث 10590)

۞ ڇا غيبت ڪرڻ وارو برو ناهي؟ حالانڪ حديث پاڪ ۾ آهي تہ غيبت زنا کان سخت آهي. (مشكوٰة المصابيح 47/3 حديث 4874)

۞ ڇا ڪوڙو ماڻهو بہ برو ناهي؟ حالانڪ قرآن ڪريم ۾ اهڙي شخص تي الله عَزَّوَجَلَّ لعنت فرمائي آهي.

افسوس! انهن برائين کي ڪو بُرو چوڻ لاءِ تيار ئي ناهي جڏهن تہ اهي بہ حرام ۽ جهنّم ۾ وٺي وڃڻ وارا ڪم آهن پر اسان تہ پنهنجي ذهنن ۾ رڳو انهن ڪجھ حرام ڪمن جي بابت اهو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي تہ اهي غلط آهن ۽ انهن جي مذمّت ڪندا آهيون ۽ انهن برائين کي تہ برو چوندا آهيون جيڪي بين ۾ نظر ايندين آهن پر جن برائين ۾ پاڻ ملوّث هوندا آهيون انهن کي برو چوڻ تہ پري جي ڳالھ آهي برو سمجهندا بہ ناهيون. اهوئي سبب آهي تہ معاشري جي اصلاح بابت تہ هر ڪو گفتگو ڪندي نظر ايندو آهي، موجوده حالات تي تہ سڄي دنيا ۾ تبصرا ٿيندا آهن، مذاڪرا (Debates) ٽاڪ شو (Talk Shows) ۽ ڪانفرنسون (Conferences) منعقد ٿينديون آهن، دانشورن (Scholars) کي گهرائي انهن کان تقريرون ڪرايون وينديون آهن پر اهي سيئي نقشي کي درست ڪرڻ جي لاءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ تقريرن ۽ بحث مباحثن ۾ مشغول رهندا آهن نتيجي طور ڪو ڪڙ تيل ناهي نڪرندو، يعني حالت ۾ ڪا تبديلي ناهي ايندي. ايترا ڪلاڪ "نقشي" کي درست ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ کان بهتر هو تہ ڪجھ منٽن ۾ پنهنجي شخصيّت کي درست ڪرڻ تي توجھ ڏين ها تہ يقينًا نقشو پاڻهي درست ٿي وڃي ها.

## پنهنجي اصلاح جي لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پنهنجي اصلاح جي لاءِ اسان کي پنهنجي مقصد ۽ وقت جي اهميّت کي سمجهڻو پوندو، خاص ڪري جواني

جي خوشگوار ڏينهن ۾ جذهن پُرجوش جذبو، عزم، حوصلو جوان ۽ عضون ۾ طاقت هوندي آهي، وقت جو قدر کندي عبادت ۽ رياضت جي عادت بڻايو. اڄ صحت جي نعمت ميسر آهي انهيءَ مان فائدو حاصل ڪيو، جڏهن ته پوڙهائپ ۾ همّت جواب ڏئي ڇڏيندي آهي ۽ ڪڏهن ته ماڻهو بيوس به ٿي پوندو آهي. جيئن شهزادهٔ اعليٰ حضرت، مفتيِ اعظم هند حضرت علّامہ مصطفيٰ رضا خان نوري عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡهَادِي فرمائن ٿا:

رياضت کے يہي دن ہيں بڑھاپے ميں کہاں ہمت
جو کچھ کرنا ہے اب کرلو ابھي نُوري جَواں تم ہو

زندگي يقينًا بيحد مختصر آهي، جيڪو وقت مليو، سو مليو، اڳتي وقت ملڻ جي اميد ڌوڪو آهي. ڪهڙي خبر ايندڙ لمحن ۾ اسان کي موت اچي وڃي. ٻنهي جهانن جا مالڪ ۽ مختار، مڪي مدني سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمائن ٿا:

اِغْتَنِمْ خَمْسًا قَبْلَ خَمْسٍ: شَبَابَكَ قَبْلَ هَرَمِكَ وَصِحَّتَكَ قَبْلَ سَقَمِكَ وَغِنَاءَكَ قَبْلَ فَقْرِكَ وَفَرَاغَكَ قَبْلَ شُغْلِكَ وَحَيَاتَكَ قَبْلَ مَوْتِكَ

يعني پنجن شين کي پنجن شين کان پهريان غنيمت سمجهو ﴿1﴾ جواني کي پوڙهائپ کان پهريان ﴿2﴾ صحت کي بيماري کان پهريان ﴿3﴾ مالداري کي تنگدستي کان پهريان ﴿4﴾ واندڪائي کي مشغوليّت کان پهريان ۽ ﴿5﴾ زندگي کي موت کان پهريان

(المستدرڪ 435/5 حديث 7916)

غافِل تجھے گھڑيال يہ ديتا ہے مُنادي
قُدرَت نے گھڑي عُمر کي اِک اور گھٹادي

# پوڙهائپ ۾ عبادت جو مثال

هڪ شخص پنهنجي خادم کي چيو ته اج ڏينهن جي روشني ۾ اهو ڪم ڪنهن به طرح سان پورو ٿيڻ گهرجي، چاهي ٻيا ڪم ڪرين يا نه ڪرين ۽ جيتري قدر سنو ڪم ڪندين انعام جو حقدار ٿيندين ۽ جيڪڏهن ڪم سهٽي نموني يا بالڪل نه ڪيو ته انعام جي محرومي سان گڏوگڏ سزا جو به مستحق ٿيندين. خادم مالڪ جي حڪم جي تعميل ڪندي ڪم جي مڪمل ڪرڻ جي تسلي ڏياري پر غفلت جي سبب يا ٻين ڪمن ۾ مشغول رهڻ جي ڪري ان ضروري ڪم کي وساري ويهي رهيو.

عصر (ٽيپهري) کان پوءِ جڏهن سج لهڻ وارو ٿيو ته اوچتو ان کي ياد آيو ته مالڪ ته سج لهڻ کان پهريان فلان ڪم پوري ڪرڻ جو حڪم ڪيو هو، ياد ايندي ئي ڏاڍو پريشان ٿي ويو ته جيڪو سڄي ڏينهن جو ڪم هو، هاڻي ڏينهن جي ٿوري حصي ۾ ڪيئن مڪمل ٿي سگهندو، مطلب ته اهو ٻين سيني ڪمن کي ڇڏي، ان ڪم ۾ مشغول ٿي ويو ۽ وڏ مان وڏ ڪوشش ڪرڻ لڳو ته ڪنهن به نموني ڪم مڪمل ڪري ڇڏي ۽ شدت سان هي خواهش ڪرڻ لڳو ته اي ڪاش! ٿوري دير وڌيڪ سج رڪجي وڃي ۽ ان کي ڪم مڪمل ڪرڻ جو موقعو ملي وڃي يا ان جو مالڪ ان کي وڌيڪ هڪ ڏينهن جي مهلت ڏئي ته يقينًا اِهو اِنهيءَ ڪم کي مڪمل ڪري ونندو ۽ ٻين ڪمن ڏانهن اک کڻي به نه نهاريندو. ان سان گڏوگڏ اهو پنهنجي غفلت تي افسوس به ڪندو پيو وڃي ته هاءِ افسوس! اهو ڪيئن انهيءَ ڪم کي وساري وينو، حالانڪ ان جي مالڪ ڪم جي درست طريقي سان ڪرڻ تي انعامن جو واعدو ڪيو هو، هاڻي هڪ

تہ ان کي انهن انعامن کان محروم رهڻو پوندو، ٻيو مالڪ جي ناراضگي جي سبب سزا بہ ملي سگهي ٿي.

**پيارا اسلامي ڀائرو!** پوڙهائپ يعني عمر جي آخري حصي ۾ غفلت جي ننڊ مان سجاڳ ٿيڻ واري شخص جو مثال بہ ذڪر ڪيل خادِمِ جهڙو آهي، اسان جي پروردگار عَزَّوَجَلَّ اسان کي زندگي ۽ موت جي وچ وارو وقت عطا فرمايو آهي تہ جيئن اسان عبادت جي ذريعي رضاءِ خداوندي حاصل ڪري اخروي نعمتن جا حقدار بڻجون پر اسان مان اڪثر ماڻهو ”جواني ديواني آهي“ جو نعرو هڻي زندگي جا قيمتي ڏينهن غفلت ۾ گذاري ڇڏيندا آهن پوءِ جڏهن زندگي جو سج لهڻ لڳندو آهي تہ گذريل وقت تي افسوس ڪندا آهن ۽ باقي عمر **الله** عَزَّوَجَلَّ جي ياد ۾ لڳي ويندا آهن.

افسوس! صد افسوس! جڏهن دنيا جي قابل ناهيون رهندا يا دنيا اسان کي ڌڪاري ڇڏيندي آهي تہ ربّ قدّوس جو در ياد ايندو آهي ۽ پوءِ هر طرف کان منهن موڙي زندگي جي آخري گهڙين ۾ پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳي ويندا آهيون. اي ڪاش! ان جواني کي گناهن ۽ فضول شين ۾ برباد ڪرڻ جي بدران **الله** عَزَّوَجَلَّ جي عبادت، اطاعت ۽ اتباعِ سنّت ۾ گذارڻ جو مدني ذهن بڻجي وڃي ۽ اسان جي مالڪ دنياوي زندگي ۾ جنهن ڪم جي لاءِ اسان کي پيدا فرمايو آهي ان کي ادا ڪرڻ ۾ ڪا ڪوتاهي نہ ڪريون نہ تہ ذڪر ڪيل خادم وانگر پڇتائڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ ورندو ۽ جڏهن اسان جي موت جو وقت اچي تہ ڪٿي ائين نہ چئون تہ اي ڪاش! اسان کي وڌيڪ ڪجهہ مهلت ملي وڃي. جيئن جو ربّ عَزَّوَجَلَّ جو فرمان آهي:

وَ اَنْفِقُوْا مِنْ مَّا رَزَقْنٰكُمْ مِّنْ قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَ اَحَدَكُمُ الْمَوْتُ فَيَقُوْلَ رَبِّ لَوْ لَاۤ اَخَّرْتَنِيْۤ اِلٰۤى اَجَلٍ قَرِيْبٍ ۙ فَاَصَّدَّقَ وَ اَكُنْ مِّنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿۱۰﴾ وَ لَنْ يُّؤَخِّرَ اللّٰهُ نَفْسًا اِذَا جَآءَ اَجَلُهَا ؕ وَ اللّٰهُ خَبِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿۱۱﴾

(پ 28 المنافقون 10، 11)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ ڪجھ خرچ ڪريو اسان جي ڏني مان (اسان جي واٽ ۾) هن کان اڳ جو توهان مان ڪنهن تي موت اچي پوءِ چوي اي منهنجا ربّ تو مونکي ٿوري مدّت تائين ڇونہ مهلت ڏني جو مان صدقو ڏيان ها ۽ نيڪن مان ٿيان ها ۽ هرگز ڪنهن بہ جان کي مهلت نہ ڏيندو جڏهن ان جو وقت اچي ويو ۽ اللّٰه کي توهان جي ڪمن جي خبر آهي.

## جواني ۾ عبادت جي فضيلت

قيامت جي ڏينهن جڏهن هر شيء سج جي گرمائش جي ڪري تڙپندي هوندي تہ ان وقت اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي جن ٻانهن سان خوش ٿي، انهن کي پنهنجي عرش جي ڇانو ۾ جڳهہ عطا فرمائيندو، انهن ۾ اهي خوش قسمت ماڻهو بہ هوندا، جن پنهنجي جواني برباد نہ ڪئي هوندي. اهڙي طرح مروي آهي تہ قيامت جي ڏينهن جن خوش نصيبن کي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي عرش جي ڇانو ۾ جڳهہ عطا فرمائيندو انهن ۾ اهو شخص بہ هوندو جنهن پنهنجي جواني اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ۾ گذاري هوندي. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان کي پنهنجي عرش جي هيٺان جڳهہ عطا فرمائيندو. (بخاري شريف 236/1 حديث 660)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! قيامت جي ڏينهن جڏهن زمين ٽامي جي هوندي ۽ سج باهہ وَسائي رهيو هوندو، انهيءَ دؤران اهو شخص ڪيڏو نہ خوش نصيب هوندو جنهن کي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي عرش جي ڇانوَ ۾ جڳهہ عطا فرمائيندو. اڄ جيڪڏهن ڪنهن کي سخت گرمي ۾ وڻ جي ڇانوَ ملي وڃي تہ اهو ڪيڏو نہ سڪون ۽ اطمينان محسوس

ڪندو آهي ۽ ان ڪي ڪيڏي خوشي ٿيندي آهي اها ڳالهه هر عقل وارو چڱي نموني سمجهي سگهي ٿو. تنهن ڪري اسان ڪي ان محشر جي تيز اُس واري ڏينهن ”**اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي عرش جي ڇانوَ“ حاصل ڪرڻ جي لاءِ وقت جي قدر ۽ اهميّت ڪي سمجهندي ان ڪي **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ۾ گذارڻو پوندو.

## سياڻي جي تباهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! شيطان هرگز ناهي چاهيندو ته اسان نيڪ عمل ڪري جنّت ۾ داخل ٿي وڃون، اهو هر طرح سان اسان ڪي راهِ حق کان روڪڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، جڏهن ڪنهن جي سامهون ”نيڪي جي دعوت“ پيش ڪئي ويندي آهي، اوّل ته شيطان ٻڌڻ ئي ناهي ڏيندو جيڪڏهن ٻڌي به ورتي ته عمل ناهي ڪرڻ ڏيندو ۽ فرض ڪريو جيڪڏهن عمل جو ذهن بڻجي به ويو ته چوندو آهي ڪهڙي جلدي آهي؟ سياڻي کان وٺي شروع ڪري ڇڏجان، ائين بانهو ان جي وسوسي ۾ مبتلا ٿي نيڪ عمل سياڻي ڪرڻ جي لاءِ سوچيندو رهندو آهي ۽ پوءِ اهڙي طرح سياڻي سياڻي ڪندي زندگي جو سج لهي ويندو آهي پر ”سياڻي“ ناهي ايندي.

حضور نبي رحمت، شفيع امت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان نصيحت نشان آهي: شيطان ڪڏهن توهان مان علم ۾ سبقت (يعني اڳرائي) ڪري ويندو آهي، صحابہ ڪرام عرض ڪيو: يارسول **اللّٰه** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اهو علم ۾ اسان کان ڪيئن وڌي سگهي ٿو؟ تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: اهو چوندو آهي تہ علم حاصل ڪريو پر ان تي ان وقت تائين عمل نہ ڪريو جيسيتائين

عالِم نہ ٻڌجي وڃو، علم جي حصول ۾ اهوئي چوندو رهندو آهي ۽ عمل جي سلسلي ۾ ٽال مٽول ڪندو رهندو آهي ايتريقدر جو ٻانهو ان حال ۾ مري ويندو آهي جو ان ڪوبہ نيڪ عمل ناهي ڪيو هوندو. (قوت القلوب، الفصل الحادي والثلاثون 228/1)

## نيڪ ڪم ۾ دير ڇا جي؟

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ جو ڪم سڀاڻي لاءِ نہ ڇڏيو! خبر ناهي تہ زندگي جو سج ڪهڙي وقت لهي وڃي، چوتہ جڏهن بہ ڪنهن کي نيڪ ڪم ڪرڻ جو چيو ويندو آهي تہ عام طور تي اهوئي جواب ملندو آهي تہ: ”سڀاڻي کان وٺي شروع ڪندس“ مشهور چوڻي آهي: (Tomorrow never come, do your work today) يعني سڀاڻي ڪڏهن نہ ايندي، اڄ ئي پنهنجو ڪم ڪري ڇڏ. اها ڳالھ سڀئي سمجهن ٿا پر افسوس تڏهن بہ اها ”سڀاڻي“ اسان جي نيڪ عملن جي وچ ۾ آڙ آهي، اسان کي پنهنجي زندگي مان انهيءَ سڀاڻي واري سلسلي کي ختم ڪري ”جيڪو ڪم ڪرڻو آهي اڄ ۽ هن مهل ڪرڻو آهي“ کي پنهنجو مقصد بڻائڻو پوندو. اڄ جو ڪم سڀاڻي جي لاءِ نہ ڇڏيو، سڀاڻي کي ٻيو ڪم تي پوندو ۽ اهو سڀاڻي سڀاڻي ۾ اجوڪو ڪم بہ نہ ٿي سگهندو. ان ڪري سڀاڻي جي بدران اڄ ۽ اڄ جي بدران هاڻي جو ذهن بڻايو. نيڪي جي ڪمن ۾ دير ڪڏهن بہ نہ ڪرڻ گهرجي، چوتہ دل جا خيال بدلبا رهندا آهن، نيڪي جي ڪم ڪرڻ جو جنهن وقت ارادو ٿئي انهيءَ وقت ڪرڻ گهرجي، جو خبر ناهي اڳئين پل ۾ دل جي ڪهڙي ڪيفيت ٿئي؟ اها ڪري سگهنداسين يا نہ؟ زندگي ساٿ ڏيندي يا نہ؟

اعلٰي حضرت، امام اهلسنّت عَلَيْهِ رَحْمَةُ رَبِّ الْعِزَّت فتاوٰي رضويہ شريف ۾

فرمائن ٿا تہ حضرت سيِّدُنا امام ابن الامام، ڪريم ابن الڪرام حضرت امام محمد باقر عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡغَافِر هڪ نفيس قُبا (يعني صدري) سبرائي، استنجا خاني ۾ ويا تہ اتي خيال آيو تہ انهيءَ کي راهِ خدا ۾ ڏجي، جلدي خادم کي سڏ ڪيائون، خادم يت جي ويجهو حاضر ٿيو، حضور جن قبا لاهي، فرمايو تہ فلان محتاج کي ڏئي اچ. جڏهن ٻاهر نڪتا تہ خادم عرض ڪيو: حضور! ايتريقدر جلدي جو ڇا سبب هو؟ پاڻ فرمايائون: ڪهڙي خبر، ٻاهر نڪرندي ئي نيّت بدلجي وڃي ها. (فتاوٰي رضويہ 84/10)

## مؤمن کي ٻہ خوف

تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوّت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي هڪ خطبي ۾ ارشاد فرمايو تہ مؤمن ٻن خوفن جي وچ ۾ هوندو آهي: هڪ ان مدّت جو جيڪا گذري وئي ۽ اهو نٿو ڄاڻي تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي باري ۾ ڪهڙو معاملو فرمائيندو، ٻي اها مدّت جيڪا باقي آهي ۽ اهو نٿو ڄاڻي تہ ان جي باري ۾ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪهڙو فيصلو فرمائيندو. ان ڪري انسان کي ﴿1﴾ پنهنجي ذات مان پنهنجي ذات جي لاءِ ﴿2﴾ پنهنجي دنيا مان پنهنجي آخرت جي لاءِ ﴿3﴾ پنهنجي زندگي مان موت جي لاءِ ۽ ﴿4﴾ پنهنجي جواني مان پوڙهائپ جي لاءِ توشو تيار ڪرڻ گهرجي، ڇوتہ دنيا کي توهان جي لاءِ ۽ توهان کي آخرت جي لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي. ان ذات جو قسم جنهن جي قبضۂ قدرت ۾ منهنجي جان آهي! موت کان پوءِ معافي گهرڻ جي ڪا جاءِ ناهي ۽ دنيا کان پوءِ جنّت يا جهنّم کان سواءِ ڪو گهر ناهي. (لباب الاحياء ص 231) تنهن ڪري سمجهدار کي گهرجي تہ آخرت جي خاطر دنيا مان، پوڙهائپ کان پهريان جواني مان ۽ موت کان پهريان زندگي مان ڪم وٺي.

## ساھ جي لڙھي

حضرت سيِّدُنا حسن بصري عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی فرمائن ٿا: جلدي ڪريو! جلدي ڪريو! توھان جي ڪھڙي زندگي آھي؟ اھي ساھ تہ آھن جو جيڪڏھن رڪجي وڃن تہ توھان جي انھن عملن جو سلسلو بہ ختم ٿي ويندو جن سان توھان **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جو قرب حاصل ڪندا آھيو. **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ ان شخص تي رحم فرمائي جنھن پنھنجو جائزو ورتو ۽ پنھنجي گناھن تي ڪجھ ڳوڙھا ڳاڙيا. اھو چوڻ کان پوءِ پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيۡه 16ھين سيپاري، سورہ مريم جي آيت نمبر 84 جي تلاوت فرمائي:

اِنَّمَا نَعُدُّ لَهُمۡ عَدًّا ﴿۸۴﴾ (پ 16 مريم 84)

**ترجمۂ ڪنزالايمان**: اسان تہ انھن جي ڳڻپ پوري ڪريون ٿا.

**حُجَّةُ الۡاِسلام حضرت سيِّدُنا امام محمّد بن محمّد غزالي** عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡوَالِی فرمائن ٿا: اتي ڳڻپ مان ساھ جي ڳڻپ مراد آھي. (احياءُ العلوم 205/5)

## "ڏينھن" جو اعلان

حضرت سيِّدُنا امام بيھقي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی شُعَبُ الايمان ۾ نقل ڪن ٿا تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آھي: روزانو صبح جو جڏھن سج ايرندو آھي تہ ان وقت "ڏينھن" اھو اعلان ڪندو آھي: جيڪڏھن اڄ ڪو چڱو ڪم ڪرڻو آھي تہ ڪري وٺو اڄ کان پوءِ وري ڪڏھن بہ موٽي نہ ايندس. (شُعبُ الايمان 386/3 حديث 840 ملخصًا)

## ھڪ نفيس جوھر

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ھڪ ھڪ ساھ نفيس جوھر آھي، جنھن جو عيوض ڪا بہ شيءِ ناھي. زندگي جي انھن قيمتي ۽ انمول

پساهن بابت منهاج القاصدين ۾ علّامہ ابن جوزي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِي فرمائن ٿا: ٻانهي کي گهرجي تہ فجر نماز کان پوءِ ٿوري دير پنهنجي دل کي هر قسم جي سوچ کان خالي ڪري، پنهنجي نفس سان هن طرح سان مخاطب ٿئي: ”اي نفس! منهنجو سمورو سرمايو اهائي زندگي آهي، جيڪڏهن اهو ختم ٿي ويو تہ نہ اهو زندگي جو ڪاروهنوار هلي سگهندو ۽ نہ نفعي جي حاصل ٿيڻ (يعني آخرت جي ثواب) جي ڪا اميد رهندي، هي هڪ نئون ڏينهن آهي جنهن ۾ الله عَزَّوَجَلَّ مون کي (پنهنجي رضا جي حاصل ڪرڻ لاءِ) وڌيڪ مهلت عطا فرمائي آهي ۽ منهنجي موت کي پوئتي هٽائي مون تي احسان فرمايو آهي، جيڪڏهن اهو مون کي دنيا مان گهرائي وٺي تہ مان تمنا ڪيان ها: اي ڪاش! مون کي وري دنيا ۾ موڪليو وڃي تہ جيئن مان ڪو نيڪ عمل ڪري وٺان. تنهن ڪري اي نفس! اهوئي سمجھ تہ تون فوت ٿي چڪو هئين ۽ هاڻي توکي واپس موڪليو ويو آهي، انهيءَ ڏينهن کي ضايع ڪرڻ کان بچجان ۽ هي بہ ڄاڻي وٺ تہ ڏينهن رات ۾ چوويهہ ڪلاڪ آهن ۽ ٻانهي جي لاءِ هر ڏينهن چوويهہ الماڙيون قطار سان رکيون وينديون آهن (يعني هر ڪلاڪ جي بيٺ ۾ هڪ الماڙي) قيامت جي ڏينهن جڏهن انهن مان هڪ الماڙي کولي ويندي ۽ ٻانهو ان ڪلاڪ ۾ پنهنجي ڪيل نيڪين جا سبب ڏسندو تہ اها الماڙي نيڪين جي نور سان ڀريل آهي تہ ان کي ايڏي تہ خوشي ٿيندي جو جيڪڏهن اها دوزخين تي تقسيم ڪئي وڃي تہ حيرانگي جي سبب انهن کي باھ جي تڪليف جو احساس نہ رهندو. جڏهن وري ٻي الماڙي کولي ويندي تہ ان جي بدبو سان دماغ ڦاٽندو هوندو ۽ هر طرف اونداهي ڇانئجي ويندي ڇوتہ اها الماڙي ان ڪلاڪ جي

پيٽ ۾ هوندي جنهن ۾ ٻانهو **الله** عَزَّوَجَلَّ جي نافرمانين ۾ مبتلا رهيو هوندو. ان وقت ٻانهي کي ايذي تہ گهٻراهٽ ۽ ذلت محسوس ٿيندي جو جيڪڏهن اها سيني جنّتين تي تقسيم ڪئي وڃي تہ انهن جي نعمتن جون لذّتون ختم ٿي وڃن. پوءِ جڏهن هڪ الماڙي کولي ويندي تہ اهو ان جي کلڻ سان نہ خوش ٿيندو نہ وري غمگين، چوتہ هي اهو ڪلاڪ هوندو جنهن ۾ اهو ستل رهيو هوندو يا يادِ خداوندي کان غافل رهيو هوندو يا ان انهيءَ لمحي ۾ ڪو نيڪ ڪم نہ ڪيو هوندو تہ انهيءَ الماڙي کي ڏسي افسوس ڪندو ۽ ان کي ان شخص وانگر ڏک ٿيندو، جيڪو گهڻي نفعي حاصل ڪرڻ تي قادر تہ هو پر موقعو ضايع ڪري ان کان محروم ٿي ويو.

وڌيڪ فرمائن ٿا تہ هر هڪ ٻانهي کي گهرجي تہ هر روز اهڙي طرح پنهنجي نفس کي وقت جي اهميّت جو احساس ڏياريندو رهي ۽ هي چوندو رهي تہ ”اَڄ جي ڏينهن ڪوشش ڪري هر الماڙي کي نيڪ عملن سان ڀرجان، ڪنهن هڪ کي بہ خالي نہ ڇڏجان، سُستي جو مظاهرو نہ ڪجان، نہ وري ٿڪاوٽ محسوس ڪجان، ٻي صورت ۾ انهن اعليٰ درجن کي ڪڏهن بہ حاصل نہ ڪري سگهندين، جيڪي ٻين ماڻهن پنهنجي ڪوشش سان حاصل ڪيا آهن.

(منهاج القاصدين ص 375)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** انهيءَ نصيحت آموز فرمان ۾ ڪيڏي تہ عبرت آهي! ٿورو غور تہ ڪيو جيڪو وقت گذري ويو اهو ڪڏهن بہ وري موٽي نہ ايندو، باقي! جيڪي ساهہ اسان کنيا اهي اعمال نامي ۾ ضرور جمع ٿي ويا. هاڻي اهو اسان تي آهي تہ اهو لمحو نيڪي ۾ استعمال ڪيون يا برائي ۾ يا خواهہ مخواهہ غفلت ۾ گذاري ڇڏيون. تنهن ڪري جيڪو وقت اسان جي هٿ ۾ آهي ان

مان فائدو حاصل ڪجي ۽ ياد رکو! پوري ڏينهن ۾ ٻڌل ٻارهن ڪلاڪن جو وقت امير، غريب، ڊاڪٽر، مريض، ننڍي، وڏي، مرد ۽ عورت سڀني ڪي هڪ جيترو ملندو آهي، ان ڪري قيامت جي حساب ۽ حسرت کان اڳ دنيا ۾ ئي پنهنجي انمول لمحن جو قدر ڪريو ۽ زندگي کي گناهن ۽ بيڪار ڪمن کان بچائيندي عبادتن ۽ ضروري معاملن جي وچ ۾ جَدوَل (Timetable) ناهي اهڙي طرح تقسيم ڪريو جو فضول ڪمن جي لاءِ وقت ئي نہ بچي.

## اڄ عمل جو ڏينهن آهي

حضرت سيِّدُنا جابر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جا محبوب، داناءِ غيوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمائن ٿا:

فَاِنَّكُمُ الْيَوْمَ فِي دَارِ الْعَمَلِ وَلَا حِسَابَ
وَاَنْتُم غَدًا فِيْ دَارِ الْحِسَابِ وَ لَا عَمَلَ

يعني اڄ توهان دارُ العمل (عمل ڪرڻ جي جاءِ) ۾ آهيو جتي حساب ناهي ۽ سڀاڻي توهان دارُ الحساب ۾ هوندؤ جتي عمل ناهي.
(شعب الايمان 370/7 حديث 10616)

## پنهنجي نفس جو محاسبو ڪريو

اميرالمؤمنين حضرت سيِّدُنا عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ارشاد فرمائن ٿا تہ قيامت جي حساب تيڻ کان پهريان پنهنجي نفس جو محاسبو ڪيو ۽ عملن جي وزن تيڻ کان پهريان انهن کي توريو ۽ وڏي پيشي جي لاءِ تيار ٿي وڃو. (منهاج القاصدين ص 376)

## وقت جو ضياع ۽ ان جي ازالي جون ڪجھ صورتون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اوهان پنهنجي ضايع ٿيڻ واري وقت تي پشيمان آهيو ۽ چاهيو ٿا تہ ڪنهن بہ طرح انهن وقتن

جو ازالو ٿي وڃي ۽ قيامت جي ڏينهن بارگاهِ خداوندي ۾ شرمسار نہ ٿيڻو پوي تہ پنهنجي موجوده وقت جو قدر ڪيو ڇوتہ وقت جي ازالي (Reparation of time) بابت عام ماڻهو سمجهندا آهن تہ موجوده حالت ۽ ڪيفيّت (Circumstances) ۾ جيڪو ڪم ڪرڻ انهن جي ذمي لازم آهي اهو ادا ڪرڻ جوڳو ناهي ۽ اهڙي طرح هي تمنا ڪندا رهندا آهن تہ اي ڪاش! اهي هن ڪان بهتر حالت ۽ ڪيفيّت ۾ هجن ها تہ ضرور اهو ڪم ڪري ڇڏين ها. تنهن ڪري انهيءَ تمنا ۽ خواهش ۾ ان وقت جيڪو ڪم ڪرڻ انهن تي لازم هوندو آهي اهو ناهن ڪري سگهندا ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن وقت ۾ جڏهن ڪو ڪم ڪري نٿا سگهن تہ ان جي ازالي لاءِ ڪنهن مناسب وقت جو انتظار ڪندا آهن ۽ اهڙي طرح ان مناسب وقت جي انتظار ۾ وڏيڪ عمر جا ڪيترائي قيمتي لمحا ضايع ڪري ڇڏيندا آهن. خبردار! وقت جو ازالو هي ناهي تہ بهتر ڪيفيّت ۽ حالت جي تمنّا ڪئي وڃي يا مناسب وقت جو انتظار ڪيو وڃي بلڪ وقت جي ازالي مان مراد هي آهي تہ ٻانهي جي دل ۾ هر لمحي اهو خوف ۽ ڊپ رهي تہ نيڪ ڪمن ڪرڻ ڪان پهريان متان ڪٿي وقت ئي ختم نہ ٿي وڃي. تنهن ڪري ضايع ٿيڻ واري وقت جو ازالو چاهيو ٿا تہ ڏينهن رات جو هر لمحو يادِ خداوندي ۾ بسر ڪريو ۽ هر حال ۾ دل جي انتشار مان جان ڇڏائڻ سان گڏوگڏ هيٺيان ڪم ڪرڻ ۾ لڳي وڃو:

۞ سڀ ڪان پهريان فرائض ۽ واجبات (نماز، روزي وغيره) جي پابندي ڪريو ۽ گذريل رهجي ويل فرائض ۽ واجبات جو ازالو، قضا ۽ استغفار ڪري ڪريو.

۞ سڀني حرام ڪمن ڪان بچڻ جي نيّت ڪريو ۽ ان نيّت تي عمل

ڪرڻ سان گڏوگڏ گذريل گناهن جي ازالي لاءِ ڪثرت سان توبهه ۽ استغفار بہ ڪريو.

۞ بي حيائي ۽ بي پردگي جي خلاف اعلانِ جنگ ڪندي اکين جو قفلِ مدينہ لڳايو.

۞ غيبت، چغلي ۽ ڪوڙ جهڙين برين ڳالهين ٻڌڻ کان ڪنن جي حفاظت ڪريو ۽ پاڻ کي ان جهڙين بيهوده ڳالهين ڪرڻ کان بچائڻ جي لاءِ زبان کي قفلِ مدينہ جو عادي بڻايو.

۞ هٿ پيرن کي پنهنجي قابو ۾ رکو ۽ ڪڏهن بہ انهن کي ڪنهن بري ڪم ڏانهن وڌڻ نہ ڏيو.

۞ حرام لقمي کان بچو ۽ مختلف بيمارين ۽ آفتن کان بچڻ جي لاءِ حلال ڪاڌو بہ گهٽ کائو ۽ ان سلسلي ۾ بک وڌائڻ لاءِ ۽ خوراڪ گهٽ ڪرڻ جي لاءِ پيٽ جي قفل مدينہ تي عمل ڪريو.

۞ نيڪي جو حڪم ڏيو ۽ برائي کان منع ڪريو.

۞ هر ڪم ۾ سنين سنين نيّتن جي عادت اپنايو ۽ پاڻ کي بري نيّت کان بچايو.

۞ ڄاڻي واڻي ۽ اڻ ڄاڻائي ۾ ٿيڻ وارن گناهن جي بخشش جي لاءِ روزانو بارگاهِ خداوندي ۾ حاضر ٿي توبهه ڪريو.

۞ دل کي بدگماني کان آزاد ڪري حسنِ ظن جو معمول بڻائڻ جي ڪوشش ڪريو.

۞ هر نيڪ معاملي ۾ ثابت قدمي ۽ استقامت اختيار ڪريو ۽ نيڪي ۽ تقويٰ جي هر ڪم ۾ وڌ مان وڌ حصو وٺو.

امام اَجلّ حضرت سيدنا شيخ ابوطالب مڪي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی ذڪر ڪيل نيڪ عملن مان اڪثر ذڪر ڪرڻ کان پوءِ ارشاد فرمائن ٿا:

ٻانهي کي گهرجي تہ ذڪر ڪيل سيني ڪمن تي عمل ڪرڻ شروع ڪري ڇڏي، نہ ٽال مٽول ڪري ۽ نہ وري ڪنهن جو انتظار ڪري ۽ نہ ئي ڪنهن ٻئي وقت جي توقع رکي، نہ ان ڪم کي هڪ وقت کان ٻئي وقت تائين پوئتي ڪري ۽ نہ ئي هڪ جاءِ ڇڏي ٻي جاءِ تي ان ڪم تي عمل ڪرڻ جو انتظار ڪري، ڇو تہ اهڙي طرح فوت ٿيل وقت جو تدارڪ ۽ ان جو ازالو ٿي سگهي ٿو. ان کي جيڪو وقت ميسر آهي ان جي فوت ٿيڻ جي ڊپ جي ڪري ان کي غنيمت ڄاڻي نہ تہ ٽال مٽول ۽ اميدون ئي رهجي وينديون يا پوءِ انتظار ۽ دير رهجي ويندي جيڪي شيطان جا لشڪر آهن جن سان اهو راهِ خدا ۾ سفر ڪرڻ وارن جون واٽون بند ڪندو آهي. (قوت القلوب ص 191)

## جيڪو وقت گذري ويو سو گذري ويو

پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪو وقت گذري ويو سو گذري ويو.

هاڻي قيامت تائين نہ ملندو. جڏهن ٻانهي کي هي يقين ٿي وڃي تہ گذريل وقت ڪڏهن بہ موٽي ناهي ايندو ۽ اهو هي بہ ڄاڻي وٺي تہ ان جي سموري عمر ڄڻ تہ هڪ ڏينهن آهي ۽ سڄو ڏينهن ڄڻ تہ هڪ گهڙي آهي ۽ اهي سموريون گهڙيون ڄڻ تہ موجوده وقت آهي. ان ڪري ٻانهي کي گهرجي تہ اهو پنهنجي موجوده وقت کان وٺي آخرت جي سفر تي روانو ٿيڻ جي لاءِ اهڙو توشو ڪٺي جيڪو ان جي سفر جي اختتام دؤران اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي ويجهو ڪري ڇڏي. تنهن ڪري هر لمحي اهو اهڙن ڪمن جي جستجو ۾ رهي جن جي افضل هجڻ جي متعلق ان جو علم ان جي رهنمائي ڪري ۽ ان جي پروردگار عَزَّوَجَلَّ وٽ بہ اهي سنا ڪم هجن ۽ انهن ڪمن جو شمار انهن نيڪ عملن مان هجي جو جيڪڏهن اوچتو ٻانهي کي

موت اچي وڃي ۽ ان جو خاتمو انهيءَ حالت تي ٿئي تہ ان عمل جي ادائگي ڪندي، بارگاهِ خداوندي ۾ حاضر ٿيندي، ان کي شرمندگي محسوس نہ ٿئي.

## خود احتسابي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اسان کي گهرجي تہ اسان ڏينهن رات جو هڪ جدول ٺاهئي ان جي مطابق پنهنجو محاسبو ڪندا ڪريون تہ جيئن خود احتسابي جا عادي ٿي سگهون، پر ياد رکو! خود احتسابي جي لاءِ اڪيلائي ۽ ضمير جي عدالت جو هجڻ لازمي آهي يعني اسان جو ضمير اهو فيصلو ڪري تہ اسان ڪٿي بيٺا آهيون؟ ٿوري دير لاءِ ڪنڌ جهڪائي پنهنجي پوئين زندگي جو احتساب (Accountability) ڪيون تہ ڪٿان ڪان هليا هئاسين ۽ اڄ ڪٿي آهيون؟ نفعي (Profit) ۾ يا نقصان (Loss) ۾ پئجي رهيا آهيون. جيڪڏهن نفعي ۾ آهيون تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ادا ڪريون. نفعي مان مراد هي آهي تہ زندگي نيڪي ۽ چڱن ڪمن ۾ گذري هجي يعني نماز، روزي جي پابندي هجي، رياڪاري، ڪوڙ، غيبت، چغلي، حسد، تڪبّر، واعدي خلافي، والدين جي نافرماني ۽ دل ڏکائڻ ڪان بچڻ سان گڏوگڏ ٻين **الله** عَزَّوَجَلَّ جي احڪامن تي عمل ڪندي گذري هجي تہ نفعي ۾ آهيون پر جيڪڏهن ان جي ابتڙ زندگي جا لمحا گناهن ۽ فضول ڪمن ۾ گذريا هجن تہ سمجهو اسان انهيءَ ڪاروبارِ حيات ۾ نقصان ۾ پئجي رهيا آهيون. تنهن ڪري جلدي سنڀلجي وڃو ۽ توبهہ ڪري **الله** عَزَّوَجَلَّ کي راضي ڪرڻ وارن ڪمن ۾ لڳي وڃو.

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** دل ۾ جڏهن بہ ڪو خيال اچي تہ ان تي عمل ڪرڻ جي بدران ٿورو سوچيو تہ اهو خيال رضاءِ خداوندي

حاصل ڪرڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿو يا نہ، جيڪڏهن اهو قربِ خداوندي جو سبب بڻجي سگهندو هجي تہ ان ڪان پهريان جو اهو رهجي وڃي ان تي جلد عمل ڪري وٺو، نہ تہ ان ڪي دل جي سختي سان ختم ڪري ڇڏيو، متان ڪٿي اهو پختو نہ ٿي وڃي، بلڪ ڪوشش ڪيو تہ جڏهن بہ اوهان جي دل ۾ ڪو اهڙو خيال اچي جيڪو يادِ خداوندي ڪان پري ڪرڻ وارو هجي تہ اهو خيالِ غير جلدي خيالِ يار ڪان بدلي ڇڏيو تہ جيئن اهو اوهان کي بدلي نہ سگهي. امام اَجَلّ حضرت سيدنا شيخ ابوطالب مکي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی فرمائن ٿا تہ اهو جيڪو مختلف روايتن ۾ مروي آهي تہ کي نيڪ عمل عمر ۾ اضافي ۽ برڪت جو سبب بڻجندا آهن تہ سمجهي ڇڏيو عمر ۾ برڪت مان مراد هي آهي تہ اوهان پنهنجي ٿورڙي عمر ۾ رضاءِ ربّ الانام جي خاطر نيڪ عمل ڪري اهو مقام ۽ مرتبو ماڻڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃو جو بيا ماڻهو ڊگهي عمر ۾ پنهنجي غفلت سبب ماڻي نہ سگهيا. اهڙي طرح 12 مهينن جي ٿوري عرصي ۾ اوهان علم ۽ عمل جي انهيءَ بلند مقام تي فائز ٿي سگهو ٿا جنهن مقام تي ڪو بيو شخص دين ڪان دوري جي ڪري 20 سالن تائين بہ نہ پهچي سگهندو.

## خود احتسابي ۽ دعوتِ اسلامي

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي نفس ۽ شيطان جي ڌوکي ۽ فريب ڪان خبردار رهڻ ۽ خود احتسابي (Self Accountability) جو هڪ وڏو آسان طريقو متعارف ڪرايو آهي، جنهن کي مدني انعامات تي عمل ڪندي فڪرِ مدينہ جو نالو ڏنو ويو آهي، اهي مدني انعامات

ڪهڙا آهن؟ ته ان سوال جو جواب ايڏو مشڪل ناهي، چوته مدني انعامات تي عمل ڪرڻ مان مراد نفس جو محاسبو ڪرڻ ۽ روزانو هي ڏسڻو آهي ته اڄ ڇا ڪيو؟ نيڪي جو ڪم ڪري قُربِ خداوندي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويؤ يا نه؟ ۽ جيڪڏهن ڪو شخص ڪڏهن محاسبو ڪندي پنهنجي اعمال نامي ۾ نيڪين جي ٿورائي ۽ گناهن جي گهڻائي محسوس ڪري ته ان کي گهرجي ته الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄي ۽ گناهن کان توبهه ڪندي، نيڪين ۾ ڪثرت جي ڪوشش ڪري جو گناهه کان پوءِ نيڪي ڪرڻ گناهه کي مٽائي ڇڏيندي آهي. جيئن الله عَزَّوَجَلَّ جو فرمان آهي:

اِنَّ الۡحَسَنٰتِ یُذۡهِبۡنَ السَّیِّاٰتِ ؕ
(پ 12 هود 114)

**ترجمو ڪنزالايمان**: بيشڪ چڱايون برائين کي مٽائي ڇڏينديون آهن.

شيخ طريقت، **امير اهلسنّت** دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه مدني انعامات تي عمل ڪرڻ جي ترغيب ڏياريندي فرمائن ٿا: ”يقينًا اهي ماڻهو خوش نصيب آهن جيڪي مرڻ کان پهريان موت جي تياري ڪندا آهن.“ زندگي برف وانگر ڳرندي پئي وڃي، موت پنهنجي سمورين سختين سميت پيڇو ڪندو پيو اچي، عنقريب اسان کي مرڻو، اونداهي قبر ۾ لهڻو ۽ پنهنجي ڪيي جي سزا ڀوڳڻي پوندي. يقينًا اهي ماڻهو خوش نصيب آهن جيڪي مرڻ کان پهريان آخرت جي تياري ڪندا آهن.

موت سے غافل نہ ہو اے بے خبر!
تجھ کو جانا ہے یہاں سب چھوڑ کر

وڌيڪ فرمائن ٿا: ڪاش! بين فرائض ۽ سنتن جي ادائگي سان گڏوگڏ سيئي اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون انهن مدني انعامن

ڪي بہ پنھنجي زندگي جو دستور العمل بڻائين.

ڪچھ نيکياں کمالے جلد آخرت بنالے

کوئی نہیں بھروسا اے بھائی زِندَگی کا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٿي سگھي ٿو تہ اوھان مان ڪنھن کي اھي مدني انعامات ڏکيا محسوس ٿين پر همت نہ هارجو. حديثِ پاڪ ۾ آھي: اَفْضَلُ الْعِبَادَةِ اَحْمَزُھَا يعني وڏيڪ افضل عبادت اھا آھي جنھن ۾ زحمت گھڻي ھجي. (ڪشف الخفاء 141/1 حديث 459) ۽ حضرت سيدنا ابراھيم بن ادھم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْاَكْرَم فرمائن ٿا: ”دنيا ۾ جيڪو عمل جيترو ڏکيو ھوندو، قيامت جي ڏينھن ميزانِ عَمل ۾ اھو ايترو ئي وزني ٿيندو.“ (تذڪرة الاولياء ص 95) تنھن ڪري جڏھن اوھان ڪو عمل شروع ڪندؤ تہ اھو اوھان لاءِ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ آسان ٿي ويندو. غالبًا اوھان کي تجربو ھوندو جڏھن سخت سردي ۾ وضو ڪرڻ جي لاءِ ويھندا آھيون تہ سيءُ جي ڪري ڏند ڪڙڪندا آھن پوءِ جڏھن همّت ڪري وضو ڪرڻ شروع ڪندا آھيون تہ پھريان ٿڌ محسوس ٿيندي آھي، پوءِ آھستي آھستي گھٽجي ويندي آھي. ھر ڏکئي ڪم جو اھوئي اصول آھي مثال طور ڪنھن کي ڪا موتمار بيماري ٿي پوندي آھي تہ اھو بيقرار ٿي ويندو آھي پوءِ آھستي آھستي جڏھن عادي ٿي ويندو آھي تہ قوّت برداشت بہ پيدا ٿي ويندي آھي.

ان ڪري جلد کان جلد اوھان مدني انعامات جو رسالو مڪتبة المدينہ جي ڪنھن بہ مڪتب تان ھديو ڏئي حاصل ڪريو ۽ **مدني انعام نمبر** 15: ڇا اڄ توھان مڪمل ڏيان سان گھٽ ۾ گھٽ 12 منٽ **فڪرِ مدينہ** (يعني پنھنجي اعمال جو محاسبو) ڪندي جن جن مدني انعامات تي عمل ٿيو رسالي ۾ ان جا خانا ڀريا؟ جي مطابق عمل ڪرڻ شروع ڪيو. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ آھستي آھستي عمل ۾ اضافي سان گڏوگڏ دل ۾ گناھن کان نفرت محسوس ڪندؤ. جيئن تہ مروي آھي تہ

آخرت جي معاملي ۾ گهڙي کن غور ۽ فڪر ڪرڻ 60 سال جي عبادت کان بهتر آهي. (الجامع الصغير ص 365 حديث 5897)

## فڪرِ مدينه تي استقامت جو آسان طريقو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اوهان جي اها خواهش آهي ته استقامت سان گڏوگڏ روزانو فڪرِ مدينه جي سعادت حاصل ٿئي ته اوهان هڪ وقت مقرّر فرمايو. مثال طور اوهان جو دڪان آهي يا آفيس ويندا آهيو ۽ رزق ۾ برڪت جي نيّت سان اتي قرآن پاڪ جي تلاوت جي سعادت سان گڏوگڏ، اوراد و وظائف پڙهندا آهيو ته انهن معمولات ۾ فڪرِ مدينه جهڙي بابرڪت عمل کي به شامل ڪيو، اِن شآءالله عَزَّوَجَلَّ رزق ۾ برڪت سان گڏوگڏ فڪرِ مدينه ڪرڻ ۾ اهڙي ته استقامت حاصل ٿيندي جو اوهان حيران رهجي ويندؤ. (ڪنهن به نماز کان بعد يا سمهڻ کان پهريان وارو وقت به مقرر ڪري سگهجي ٿو) تمام اسلامي ڀائر نيّت ڪن ته وقت جي اهميّت کي سمجهندي پنهنجي محاسبي (Self Accountability) جي لاءِ اِن شآءالله عَزَّوَجَلَّ مقرر وقت تي پابندي سان فڪرِ مدينه ضرور ڪنداسين. الله عَزَّوَجَلَّ عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمين بِجَاهِ النّبِيّ الاَمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

**هي رسالو پڙهي ڪري ٻين کي ڏيو**

شادي غمي جي تقريبن، اجتماعن، عرسن ۽ ميلاد جي جلوسن وغيره ۾ مڪتبة المدينه تان شايع ٿيل رسالا تقسيم ڪري ثواب ڪمايو گراهڪن کي ثواب جي نيّت سان تحفي ۾ ڏيڻ جي لاءِ پنهنجي دڪانن تي به رسالا رکڻ جو معمول بڻايو اخبار جي هاڪر يا ٻارن جي ذريعي پنهنجي پاڙي جي گهر گهر ۾ وقفي وقفي سان بدلائي بدلائي ڪري سنّتن ڀريا رسالا پهچائي نيڪيءَ جي دعوت جون ڌومون مچايو.

# ماخذ ومراجع



| نمبر شمار | کتاب | مصنّف/ مؤلّف |
|---|---|---|
| 1 | قرآن مجید | کلام باری تعالیٰ مکتبۃ المدینہ باب المدینہ کراچی |
| 2 | کنز الایمان | اعلیٰ حضرت امام احمد رضاخان، متوفی 1340ھ، مکتبۃ المدینہ باب المدینہ کراچی |
| 3 | تفسیر رازی | امام فخر الدین محمد بن عمر رازی، متوفی 606ھ دار احیاء التراث العربی، بیروت |
| 4 | تفسیر قرطبی | ابو عبداللہ محمد بن احمد قرطبی، متوفی 671ھ، دار الفکر ، بیروت |
| 5 | خزائن العرفان | صدر الافاضل نعیم الدین مراد آبادی، متوفی 1367ھ، مکتبۃ المدینہ باب المدینہ (کراچی) |
| 6 | تفسیر نور العرفان | مفتی احمد یار خان نعیمی، متوفی1391ھ، ضیاء القرآن پبلی کیشنز، لاہور |
| 7 | صحیح البخاری | امام ابو عبداللہ محمد بن اسماعیل بخاری، متوفی 256ھ، دار الکتب العلمیۃ |
| 8 | المستدرک | امام محمد بن عبداللہ حاکم نیشاپوری، متوفی 405ھ، دار المعرفہ، بیروت |
| 9 | کشف الخفاء | شیخ اسماعیل بن محمدعجلونی، متوفی 1162ھ، دار الکتب العلمیہ، بیروت |
| 10 | شعب الایمان | امام ابوبکراحمد بن حسین بن علی بیہقی،متوفی 458ھ ، دارالکتب العلمیہ، بیروت |
| 11 | مشکاۃالمصابیح | علامہ ولی الدین تبریزی، متوفی 742ھ، دار الکتب العلمیہ بیروت |
| 12 | الجامع الصغیر | حافظ جلال الدین عبدالرحمن بن ابی بکر السیوطی، متوفی 911ھ، دار الکتب العلمیہ، بیروت |
| 13 | کنزالعمال | علامہ علی متقی بن حسام الدین برہان پوری، متوفی 975ھ، دار الکتب العلمیہ، بیروت |
| 14 | حلیۃالاولیاء | ابو نعیم احمد بن عبداللہ اصفہانی شافعی، متوفی 430ھ، دار الکتب العلمیہ، بیروت |
| 15 | قوت القلوب | شیخ ابوطالب محمدبن علی مکی، متوفی386ھ، دارالکتب العلمیہ، بیروت |
| 16 | احیاء علوم الدین | امام ابو حامد محمد بن محمد غزالی، متوفی 505ھ، دار صادر، بیروت |
| 17 | منہاج القاصدین | ابو الفرج عبد الرحمن بن علی ابن جوزی متوفی597 ھ، دار الخیر بیروت |
| 18 | صفۃ الصفوۃ | ابو الفرج عبد الرحمن بن علی ابن جوزی متوفی 597ھ، دار الکتب العلمیۃ |
| 19 | تذکرۃ الاولیاء | شیخ فرید الدین عطار، متوفی637ھ، انتشارات گنجینہ، تہران |
| 20 | فتاویٰ رضویہ | اعلیٰ حضرت امام احمد رضاخان، متوفی 1340ھ، رضا فاؤنڈیشن مرکز الاولیاء لاہور |
| 21 | انمول ہیرے | علامہ مولانا محمد الیاس عطار قادری، مکتبۃ المدینہ باب المدینہ کراچی |



# فهرست



| عنوان | صفحو | عنوان | صفحو |
|---|---|---|---|
| درودِ پاڪ جي فضيلت | 1 | پنهنجي اصلاح جي لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟ | 25 |
| هر چمڪندڙ شيءِ سون ناهي هوندي | 1 | پوڙهائپ ۾ عبادت جو مثال | 27 |
| ڪا بہ شيءِ بنا مقصد جي ناهي | 2 | جواني ۾ عبادت جي فضيلت | 29 |
| انمول هيرا | 3 | سياڻي جي تباهي | 30 |
| زندگي جون گھڙيون بہ انمول هيرا آهن | 4 | نيڪ ڪم ۾ دير ڇا جي؟ | 31 |
| چاليهن سالن تائين زمين تي پاسو نہ لڳايو | 4 | مؤمن کي بہ خوف | 32 |
| وقت جو قدر ڪريو | 5 | ساھ جي لڙهي | 33 |
| اسان جو مقصدِ حيات | 7 | ”ڏينهن“ جو اعلان | 33 |
| امتحان جي تياري | 8 | هڪ نفيس جوهر | 33 |
| اسان جو طرزِ عمل | 10 | اڄ عمل جو ڏينهن آهي | 36 |
| مقصدِ حيات جي تڪميل جو ذريعو | 13 | پنهنجي نفس جو محاسبو ڪريو | 36 |
| عمر هڪ امانت آهي | 15 | وقت جو ضياع ۽ ان جي ازالي جون ڪجھ صورتون | 36 |
| غفلت جي ننڊ ۾ زندگي جي بربادي | 16 | جيڪو وقت گذري ويو سو گذري ويو | 39 |
| سورهٴ عصر جي روشني ۾ وقت جي اهميّت | 17 | خود احتسابي | 40 |
| عُمر ۽ برف ۾ مشابهت | 18 | خود احتسابي ۽ دعوتِ اسلامي | 41 |
| زندگي جو سفر جاري آهي يا موت جو | 19 | فڪرِ مدينہ تي استقامت جو آسان طريقو | 44 |
| ڇا سمورا انسان خساري ۾ آهن | 21 | ماخذِ و مراجع | 45 |
| فرد سان معاشرو ٺهندو آهي | 22 | فهرست | 45 |
| هاءِ افسوس! برائي، برائي ناهي رهي | 24 | | |